سمنڊ ڪناري ريتي ڦيڻ

شاعري



ڪمل ڪيولراماڻي پياسي

سمنڊ ڪناري - ريتيءِ ٿيڻُ

(شاعري)

رچناڪار :

ڪمل ڪيولراماڻي پياسي



سهڪار :

انيتا ڪيولراماڻي — ۽ — لليت ڪيولراماڻي

کمل پياسيءَ جي شاعري سمپتي

I سرجناتمڪ شاعري

١. گيت منجري ١٩٦٤ع
٢. چولين ساريا چار ١٩٨٥
٣. گيت گنگا جا گهاٽ ١٩٨٦
٤. لام لام تي ميوا جام ١٩٨٩
٥. منهنجي اَننت اُسات ١٩٩٨
٦. ڪمل ڪنج جي اَندر ١٩٩٩
٧. پياس نہ پوري ٿيندي ٢٠٠٠
٨. ٽاريءَ ٽاريءَ ڇانگ ٢٠٠٤
٩. سمنڊ ڪناري-ريتي ڦيڻ ٢٠١٠

II ٻال گيت

١. ٽمڪندڙ تارا ١٩٦٥
٢. پنکڙيون گلاب جون ١٩٦٤
٣. ديپ لليت ١٩٩٧
٤. وڻ ٽڻ، گل ڦل ۽ سرهاڻ ٢٠٠٢
٥. ساوا ساوا پن ٢٠١١

III آڌياتمڪ شاعري

١. هري سمرڻ ١٩٧٤
٢. سڻ سڀاجها سپرين ١٩٧٦
٣. سدا ساريان سپرين ١٩٧٨
٤. هري چاليسا (ڪويتا) ١٩٨٠
٥. نماڻن جا ماڻ ١٩٩١
٦. جپ صاحب (انواد ڪويتا) ١٩٩٤
٧. جپ صاحب (ٻيو ڇاپو)
٨. جپ صاحب (ٽيون ڇاپو) ١٩٩٥
٩. هنومان چاليسا (انواد ڪويتا) ١٩٩٧
١٠. هنومان چاليسا (ٻيون ڇاپو) ١٩٩٨
١١. (ٽيون ۽ چوٿون ڇاپو) ١٩٩٩
١٢. جهوليلال چاليسا (ڪويتا) ١٩٩٥
١٣. هنومان چاليسا (٥ ۽ ٦ ڇاپو) ٢٠٠٣
١٤. شري ڪرشنا اَمرت (ڪويتا) ١٩٩٩
١٥. شري ڪرشنا اَمرت
ڇاپو ٻيون ۽ ٽيون ٢٠٠٠
١٦. هاڪ پرينءَ جي هڪڙي ١٩٩٩
١٧. هنومان چاليسا (ديوناگري) ١٩٩٩
١٨. سکمني صاحب نصيحت ناما
۽ نائين محلي جا سلوڪ ٢٠٠٢
١٩. ٻيو ڇاپو ٢٠٠٣
٢٠. گر پرشاد (انواد ڪويتا)
جپ صاحب، آسادي وار
سکمي صاحب، ڪوتا ٢٠٠٤
٢١. گُر اُپديش (انواد ڪويتا) ٢٠٠٤
٢٢. هري چاليسا (ڇاپو-٢) ٢٠١١

- ڪمل پياسي

ٻولهي ٻولهي گائڪ منهنجا، ڳڏجي گيت ڳنجائن هردم،
تن گيتن مان پياسي چونڊيل، پنهنجا سُر سجاڳان ٿوا

سنڌي آهين سنڌي رهندين، سنڌي ورثو رهي تنهنجو،
سچائي ۽ وفاداريءَ جي واٽن تان هٽين ڇا لاءِ؟
ڪ.پ.

سمنڊ ڪناري - ريتيءِ ڦيڻَ

(شاعري)

SUMUND KINAREY - RAYTEE PHEN

(Collection of Poems)

Author :
Kamal Kewalramani 'Piyasi'
A-9-53, Goyal Intercity,
Drive-in-Road, Thaltej,
Ahmedabad-380054.
Ph. : (079) 65224603

First Edition : Year : 2011
Copies : 500
Price : Rs. 100 (Rs. One Hundred)
Publisher : Author
Assisted by : Anita Kewalramani
Printed by : **Sindhigulab.com**
E-2, B/d. Nehru Children Park,
Kubernagar, Ahmedabad-382340.
Phone # (079) 22805454

ليکڪ :
ڪمل ڪيولراماڻي 'پياسي'
اي-٩-٥٣، گوهل انٽرسٽي،
ڊرائيو-اِن-روڊ، ٿلتيج،
احمدآباد-٣٨٠٠٥٤
فون ٦٥٢٢٤٦٠٣ (٠٧٩)

ڇاپو پهريون : سال ٢٠١١
ڪاپيون : ٥٠٠
قيمت : هڪ سؤ (١٠٠) رپيا
ڇپائيندڙ : ليکڪ
سهڪار : آنيتا ڪيولراماڻي
ڇپيو : سنڌي گلاب ڊاٽ ڪام
٢-ئي، نهرو چلڊرن پارڪ ڀرسان،
ڪبير نگر، احمدآباد-٣٨٢٣٤٠.
فون : ٢٢٨٠٥٤٥٤ (٠٧٩)

اِنڊس اِنڊ فائونڊيشن جي مالي سهايتا سان ڇپايل

The book is published with partial Financial assistance from
Indus Ind Foundation New Delhi
Vide Letter No. 51/5/97 TLF dt. 18-1-2011

کوليو ئي نہ هو. منهنجو ڪتاب مون وٽ رهيو. سندس ياد کي جيوت رکڻ لاءِ اَڄ اهو ڪتاب ٿوري ڦيرڦار ۽ بدليل عنوان سان پيش تي رهيو آهي، ڇو تہ هو مونکان وسريو نہ آهي ۽ نہ وسرندو، ڇو تہ هوُ دلبر هو، دلدار هو، ڪيس شرڌانجلي ڏيندي منهنجي اُنهن اکرن جو روپ اختيار ڪيو-

شرڌانجلي - سداحيات شري لالچند نچاڻي

هرڪا تنهنجي منڙي ڳالهہ-مَڌُ ماکيءَ جان مصري ڳالهہ،
شبد سدورا شعر بڻائي، تنهنجي اُڌمن ڇيڙي ڳالهہ،
لفظن سان خوشيون پکيڙي، جذبن آهہ سهيڙي ڳالهہ،
اڻ ڳڻ عڪس هئا لفظن ۾، بڻي **لال** جي پڌري ڳالهہ،
عجب هئو اِنسان هي دلبر، ذات ڏانوَ ۾ ڏاڍو ماهر،
لالن ۾ هو **لال** نيارو، دهشت، حشمت، نوڙت وارو،
ختم نہ جنهن جي ٿئي کهاڻي،
لالچند هو نالو هن جو ۽ آکهہ **نچاڻي**.

- ڪمل پياسي

- منهنجو مون وٽ ڪجهہ بہ نہ آهي،
جيڪو آهي، هن جو آهي، وينو پاڻ لڪائي.

- ڪانهي ڪابہ اِڇا ڪا مونکي ۽ نہ ڪا تمنا،
اڳہ ڏنائين، هاڻ بہ ڏيندو، جو مرضيءَ صاحب چاهي.

- هيڏي وشال هن جڳت ۾ سڀ جو قدر سڃاڻي،
پيار ئي هر ڪنهن کي، پريو، ڪين ڏئي پاراتو.

- جل ڪنني تي رهندي پوءِ بہ ڪين ٻجهي آ پياس اَڃا،
ڇوليون ڇلڪي آيون آهن منهنجي اَننت اُسات ٻجهائڻ.
سمنڊ ڪناري جَل ڦٽنگن سان جهول پري سگهي نہ ڪو،
پو بہ **ريتي ڦيڻ** جهلي، هو آيا آهن پيت چڙهائڻ.

- ڪ. پ.

لالڻ لاءِ لِکِيائُ

هيءُ پستڪ انهن ڀاونائن جو ڍير آهي، جي وسارڻ ئي مشڪل آهن- ڇو تہ هيءُ ان شرير جي ياد کي زندهہ رکڻ ٿو چاهي، جنهن سان خون جو رشتو نہ هوندي ۽ دلين جو رشتو هو. هو قابل هو، عاقل هو، فاضل هو، ذهين هو، دورانديش هو، اڪابر هو، ماهر هو، پوءِ بہ عام طور هن ظاهر ٿيڻ نہ ٿي چاهيو. صرف ڪن سالن جي واقفيت ۾ ئي هن منهنجو من جيتي ڇڏيو. منهنجيءَ هر ڪويتا کي هو قابليت جو داد ڏيندو هو، جيڪو ڪڏهن تہ مونکي شرمائيندو بہ هو. پوءِ بہ مان شانت رهيس ڇو تہ ڪيس مون لاءِ اَتي موهہ هو، پنهنجائپ هئي ۽ جڏهن هڪ دفعي هن لکيو، ''توهين منهنجا گرو آهيو.'' تہ مون جواب ڏنو، ''گرو نہ، پر ساٿي، هڪ رهبر- گائيڊ'' پوءِ بہ هن جي ڀاونائن ۾ ڪو ڦير نہ پيو.

سندس اندر ۾ ڪو ڪلاڪار لڪل هو، جنهن ٻاهر اَچڻ ٿي چاهيو. هن جڏهن منهنجي آڱر پڪڙي تہ محسوس ٿيم تہ هو نہ صرف انگريزي، هندي، اُردو ۽ تامل جو ڄاڻو آهي پر سنڌيءَ لاءِ بہ نينهن اَٿس، جڏهن هن جي تعليم جو ماڌيم سنڌي ڪين هو. هو مونکي پنهنجون ڪويتائون لکي موڪليندو هو ۽ مان ڪيس سنواري سڌاري واپس ڪندو هوس تہ ڏاڍو خوش ٿيندو هو ۽ ان طرح هن اڪيچار ڪويتائون لکيون ۽ ڪن الڳ صنفن تي بہ قلم آزمائي ڪئي، جهڙو غزل، گيت، پڇن، هيڪو، هيڪلا، آزاد نظم، ڪنهن بہ هڪ ئي اشاري ملڻ تي هو ان تي گهرائي سان ويچاري گهڻو ڪجهہ لکي سگهندو هو. هن تي نہ صرف سرسوتي جي اسيم ڪرپا هئي پر لڇمي بہ هن جي ٻانهن تي ٻيلي هئي. هن منهنجي 121 ڪويتائون ۽ اَنيتا جي چونڊ 25 ڪويتائن جو انگريزيءَ ۾ انواد ڪري Poems Fragrant جي نالي پنهنجي طرفان ڪتاب ڇپايو. منهنجي صلاح تي هن عربي ۽ ديوناگري سنڌي لپيءَ ۾ پاڻ اڪيلي سر ڪويتا سنگره ڇپايو، جنهن جو نالو رکيائين ''اڪرن جا آلاپ.'' جڏهن سندس هن ڪتاب جي ساک نڪتي تہ مون ڪيس صرف سنڌي عربي لپيءَ ۾ ڪتاب ڇپائڻ جي راءِ ڏني، تڏهن هن ڪلندي چيو، ''اهو تڏهن ٿيندو جڏهن توهين بہ سنڌي ڪويتا جو ڪتاب لکندا هجو جيئن ٻئي ڪتاب گڏوگڏ پريس ۾ ڇپجن.'' سندس سپنو ساڀيا ٿيڻ کان اڳہ ئي هو هن جڳت مان راهہ رباني وٺي ويو ۽ ان کان بہ ٿي ڏينهن اڳہ ئي سندس ڪتاب آخرين سڌاري ۽ صلاح لاءِ پريس جو نقل موڪليو ويو هو، جيڪو هن شايد

لال جو ڪمال

(۱)

سيتل اَنبرَ جي هير جي سرهاڻ جي طرح،
پونم جي پوري چنڊ جي چانڊاڻ جي طرح،
سپنن جي سندر محل ۾ مانڊاڻ جي طرح،
نظمن جي شبد شبد ۾ واڪاڻ جي طرح،
اَڄ اَهڙو فرشتو هتي ئي، بي مثال آ،
ڪمال آ، ڪمال آ، هيءُ **لال** جي ڪمال آ.

(۲)

قرب ڏيئي قرب ڪمائي تو هيءُ دلدار،
ايمان سان ايمان وڌائي تو قربدار،
هن ۾ ڪوئي آهه ڪو اهنڪار سراسر،
سنمان، عزت، شان جي قابل آ برابر،
هر ڪنهن لاءِ هن جو مان هميشهه وشال آ،
ڪمال آ، ڪمال آ، هيءُ **لال** جو ڪمال آ.

(۳)

همت ۽ حيرتن سان ڀريل آهه هيءُ اِنسان،
هر وقت رهنمائي ڪري بڻجي تو پاسبان،
ڏيندو رهي تو، هن ۾ ڏيڻ جو گڻ مهان،
سڪ، پيار ۽ سنيهه سان ڀرپور ڀاڳوان،
شخصيت ۾ جيڪو پاڻ ئي جاهه-و-جمال آ،
ڪمال آ، ڪمال آ، هيءُ **لال** جو ڪمال آ.

(۴)

هر وقت، هميشهه پلي مشغول رهي تو،
واپار، گهر، سماج سان وڪ گڏجي ڪٽي تو،
ڪيڏانهن بہ وڃي تو تہ اُتي ڇاپ ڇڏي تو،
جو ڪجهہ بہ چوي تو تہ حڪم ٿي پوي تو،
هن جهڙو هر ڪنهن جو ٿيڻ ڏاڍو محال آ،
ڪمال آ، ڪمال آ، هيءُ **لال** جو ڪمال آ.

• •

teṣãṁ satata-yuktãnãṁ bhajatãṁ prĩti-pũrvakam
dadãmi buddhi-yogaṁ taṁ yena mãm upayãnti te

To those who are constantly devoted to serving Me with Love,
I give the understanding by which they can come to Me

-Bhagawad Gita 10.10



... says Shri Lalchand
It has been my sincere desire to serve my society and the community in as many ways as possible.

Late Shri Lalchand K. Nichani
B. Com. (Hons) C. A.

Office:
117 / 5, BROADWAY,
CHENAI - 600 108.

Residence :
1-D, 14th AVENUE,
HARRINGTON ROAD,
CHENAI - 600 031.

Your examples will forever be in our hearts,
Your words in our ears,
Your memory in our thoughts & actions.
-Your Blessings keeps us united-
All that we are is the result of what you thought.
Kamal Kewalramani "Pyasi" - Family Friends

دادا ڪمل پياسيءَ کي سنڌي ٻوليءَ ساهتيہ ڪيتر ۾ لاثاني يوگدان ڏيڻ ڪري رائيٽرس ائنڊ آرٽسٽ فائونڊيشن وارا ڪيس ''سنڌين جو شان'' خطاب ٣، آڪٽوبر ٢٠١١ تي سيتا سنڌو ڀون ۾ ڏيڻ ۾ آيو. خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو کيس اهڙي شاندار اَنعام لاءِ چونڊيو ويو. دادا ڪمل پياسيءَ جا ڪل ٧٦ ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. سندس گهڻو لاڙو اَڌياتمڪ رچيءَ ڏانهن آهي. اوائلي طور تي کيس شاعر طور ئي ڄاتو سڃاتو ويندو آهي، جيتوڻيڪ هن ڪهاڻيون، ناول، ڪوجناتمڪ ليکہ، اَيياسي مضمون، جن جو تعلق علم نباتات، علم حيوانت، علم طبابت، اتهاس، سير-سفر، ٻال ساهتيہ، شرشٽيءَ بابت ڄاڻ وغيره تي بہ گهڻو ڪجهہ لکيو آهي. هن ادب جي هر شاخ تي قلم هلايو آهي.

دادا ڪمل پياسي اَڌياتمڪ راهہ جا پانڌيئڙا، درويشي خيال، سڪ، صادق ۽ پيار ۾ پختا ۽ نرالا آهن. نہ اَيمان، نہ ادمبر اَٿن. دادا ڪمل پياسيءَ جي پتني اَنيتا ڪمل پياسي بہ هڪ سٺي ليکڪا ۽ شاعرا آهي، جنهن جا بہ اٽڪل ١٤ ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن.

دادا سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت جا نڄا شيدائي آهن، چوندا آهن :

سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري جا ايندا سڀ سڳن موٽي،
اگر ٻولي آ ماتا، پوءِ غيرن کي مڃين ڇو ٿو؟
اگر نالا نشانيون، ويس ڪاڏي جا کي مٽجي ويا،
تہ سنڌي ماءُ جي ٿڃ کي، ڪسارو ائين ڇئين ڇو ٿو؟

دادا ڪمل پياسي جي صحبت ۾ رهنديءَ وقت بہ وقت سندس ادبي آديش ملندي مون پليءَ پانت ڄاتو آهي :

سون پرکجي ڪسوٽي، رپو پرکجي ٻاهہ،
آدمي اَئين پرکجي، جيئن هڪ دفعو ڳالهاءِ.

ممبئي انڌيريءَ مان بزرگ ياءُ **ڊاڪٽر ارجن سڪايل** جو فون ٦-١٠-٢٠١٠ تي آيو. انعام ۽ خطاب ملڻ تي واڌايون ڏنائين، اهو چوندي، ''انعام جي رقم برابر ٿوري آهي، پر اهڙو احوال پڙهندي، مونکي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي. ائين پيو لڳيم تہ اهو انعام ڄڻ مونکي مليو آهي. تنهنجو ان طرح جو آدر گهڻو اڳيئي ٿيڻ کپندو هو، پوءِ بہ خوشي اَٿم تہ آخر ڪن اکہ پٽي آهي ۽ سڃائيءَ جو جائزو ورتو اَٿائون. مونکي سٺ سال اڳہ واري ڪويتا اَڃا ياد آهي. جنهن ۾ تو لکيو هو : ''اڙي او اُنن وارا'' اُن ڪري مون کي اَڄ بہ منهنجي تو لاءِ تقاضا صحتمند رهي آهي.'' مبارڪون هجني- شل تنهنجو آئينده هن ڏس ۾ اَڃا بہ

سنڌيت جو شان-ڪمل پياسي

انهيءَ ڏينهن عادت انوسار جيئن ئي پنهنجي گهر جي ٻاهران ٽنگيل ٽپال پيٽي کوليم تہ سنڌي اخبارن سان گڏ هڪ لفافو بہ آيل ڏٺم. پهرين لفافو کوليم جيڪو ڀاءُ ٺاڪر چاولا جي صحيح سان آيل هو ۽ ڇاٽايل هو تہ مونکي رائيٽررس ۽ آرٽسٽ فائونڊيشن پاران ''سنڌيت جي شان'' خطاب سان گڏ روڪڙ انعام سان پڻ نوازيو ويندو. هيءَ خبر پوءِ اَجمير مان شايع ٿيندڙ روزاني **هندو** ۽ **ناگپور مان شايع ٿيندڙ ماهوار قلواڙيءَ** ۾ بہ آئي. **ڪوٽا جي ڀاءُ ويرل ڪارا** بہ اُمنگ ۾ اَچي هڪ غزل لکي موڪليو. من ڦوليو نہ سمايو.

هفتيوار 'مهراڻ' اُلهاسنگر جي ڀاءُ **هري تنواڻي 'نماڻي'** ان خبر کي وڌيڪ ۽ وسيع ڪري ڇاپيو، ''احمدآباد جي بزرگ ڀاءُ شاعر ۽ ليکڪ شري ڪمل کيولراماڻي پياسيءَ کي آرتوار ڏينهن ٣ آڪٽوبر ٢٠١٠ع تي سيتا سنڌو ڀون، سانتا ڪروز، ممبئيءَ ۾ ٿيندڙ ڪلچرل پروگرام ۾ رائيٽرس ۽ ويلفيئر فائونڊيشن پاران 'سنڌيت جو شان' اوارڊ (انعام) سان نوازيو ويندو، جنهن جي تحت ڪيس ١١ هزار رپين جو چيڪ بہ پيٽ ڪيو ويندو. اَهڙي ڄاڻ فائونڊيشن طرفان شري ٺاڪر چاولا ٣ آگسٽ ٢٠١٠ واري خط جي ماڌيم سان شري ڪمل پياسيءَ کي اڳ وات ئي ڏني ويئي آهي.''

ڌيان ۾ رهي تہ شري ڪمل پياسي هن وقت ٨١ سال پورا ڪري ٨٢ سال ۾ هلي رهيو آهي. هو جيڪبآباد سنڌ ۾ ٢٩-١-١٩٢٩ تي ڄائو هو. هو بي.ايس.سي.. پاس ڪيل آهي. هن جو سنڌي ڪويتا، ڪهاڻي ۽ مضمونن ۾ پوين ٥٥ سالن لاڳر سرسرو يوگدان آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. 'مهراڻ' پريوار سان سندس ٣٠-٢٢ سالن جو لاڳيتو سمپرڪ پئي رهيو آهي ۽ مهراڻ ۾ هن جون رچنائون بہ اڪثر ڇپجنديون رهنديون آهن.

دير سان ئي سهين، شري ڪمل پياسي جي قدرشناسي ٿي رهي آهي، ان لاءِ اسان جون ڪيس مٺيون مبارڪون.

(هري تنواڻي 'نماڻو' سمپادڪ 'مهراڻ' هفتيوار)

اُلهاسنگر جي پيڙ ديا لکي جشناڻيءَ جي هڪ ننڍڙي رچنا هندواسيءَ جي ٣-١٠-٢٠١٠ واري انڪ ۾ شايع ٿي آهي، جنهن ۾ هن ڪمل پياسي بابت پنهنجي دل جو سوڪيم اظهار ڪيو آهي:

هڪ قدم اڳتي

هيءُ اُهو شخص آهي جنهن جي سوچ ۾ هميشه تازگي هوندي آهي. ڪائنات جو ڪوڏيو، گلشن ڏسي گدگد ٿئي، بادل ڏسي بود ۾ پرجي وڃي، ساوڪ تي سرهو ٿئي، وڻن جي سيتل ڇانوَ جو شائق، ائين ئي قدرت سندس سڀاءُ ۾ اونهو گهر ڪري ويئي آهي. هن ٣٢ سال مڇي پيداوار وڌائڻ واري سرڪاري نوڪري (Fisheries Dept.) ۾ اوچ عهدا ماڻيندي، اڪثر ساگر جي ڪنٺي، ندين جي ڪپ تي، ڍنڍن، تلاون ۽ پاڻيءَ جي بندن (Dams)، نهرن ۽ حوضن جي پر ۾ گهاريو آهي. هو اهڙي سپرش ڪندڙ وايومنڊل تي موهت تي پيو آهي. جل ئي هن لاءِ جيون آهي، قدرت سان هن جي گهرائپ ڪارڻ ڪوتا سان هن جو نينهن وڌي ويو آهي، هو ڪائيندي، پيئندي، هلندي چلندي، اُٿندي وهندي، سفر ڪندي، راند روند درميان جڏهن پنهنجيءَ ڌُن ۾ اَچي ويندو آهي ته يڪدم سندس هٿ ڪاغذ ۽ قلم ڏانهن وڌي ويندو آهي. سندس هيءَ عادت سندس ١٥ سالن جي عمر کان رهي آهي. هاڻ جڏهن هوُ بزرگيءَ جي ڏاڪي تي پهتو آهي ته سندس خيالن ۽ ويچارن ۾ پهاڙن جهڙي اوچائي ۽ ساگر جي گهرائپ جا آڪار ملندا آهن. هيل تائين هن سنڌي ڪوتا سنگرهه ساهت کي ارپڻ ڪيا آهن سي آهن:

نج ڪويتا

١. گيت منجري ١٩٦٤ع
٢. چولين ساريا چار ١٩٨٥ع
٣. گيت گنگا جا گهاٽ ١٩٨٦ع
٤. لام لام تي ميوا جام ١٩٨٩ع
٥. منهنجي اَننت اُساٽ ١٩٩٨ع
٦. ڪمل ڪنج جي اَندر ١٩٩٩ع
٧. پياس نه پوري ٿيندي ٢٠٠٠ع
٨. ٿاريءَ ٿاريءَ ڇانگ ٢٠٠٤ع

ٻال ڪويتا

١. ٽمڪندڙ تارا ١٩٦٥ع
٢. پنکڙيون گلاب جون ١٩٨٤ع
٣. ديپ لليت ١٩٩٦
٤. وڻ ٽڻ، گل ڦل ۽ سرهاڻ ٢٠٠٤
٥. ساوا ساوا پَنَ ٢٠١١

ڌارمڪ ساهت-ڪويتا

١. هري سمرڻ ١٩٧٤ع
٢. سڻ سڀاجها سپرين ١٩٧٦ع
٣. سدا ساريان سپرين ١٩٧٨ع
٤. هاڪ پرينءَ جي هيڪڙي ١٩٩٩ع
٥. نماڻن جا ماڻ ١٩٩١ع
٦. هنومان چاليسا (انواد) ڇهه ڇاپا عربي
٧. هنومان چاليسا (ٻه ڇاپا) ديوناگري
٨. جهوليلال چاليسا (ٻه ڇاپا)
٩. شري ڪرشن اَمرت
(گيتا جي ٧٠٠ سلوڪن جو انواد)
١٠ هري چاليسا ٢٠١١
١١. Fragrant poems (انگريزي)
شري لالچند جو انواد ڪيل
۽ هاٽي سمنڊ ڪناري ريتي ڦيڻَ ٢٠١١

اوجل رهي. اِها منهنجي تو لاءِ دلي آشيرواد.

ڪار ممبئيءَ مان شريمتي ڪانتا-ايسراڻي لکي ٿي :

منهنجي دل خوشيءَ کان قولي نہ سمائي جڏهن ڀائو ڪمل پياسي ۽ ڀاڀي اَنيتا جي اٽڪل ١٥٠ سنڌي ڪويتا جو انگريزي ۾ ٿيل انواد ڪتاب Fragrant poems جي نالي سان پياري ڀاءُ سداحيات لالچند ڪي. نچاڻي (چينائي) جو هٿ ۾ مليم. هن ڪتاب ۾ ڀاءُ ڪمل پياسيءَ جون ١٢٠، ڀاءُ لالچند نچاڻيءَ جون ۽ اَنيتا جون ٢٥ ڪويتائون انگريزيءَ ۾ اُلٿو ٿيل آهن. منهنجي خيال موجب ڪمل ۽ اَنيتا پهريون سنڌي اديبن جو جوڙو آهي، جن جون ڪويتائون انگريزيءَ ۾ اُلٿو ٿيون آهن. واقعي هيءُ ”سنڌيت جو شان“ چئجي. ڀاشا بہ ائين ڪم آندل آهي، جيئن اصلي انگريزي ۾ لکيل آهن. انوادڪ جي ان دلي اظهار مان چڻڪ سندس سڳنڌ ٿي پکڙجي. ڀائو ڪمل پياسيءَ پنهنجي جيون ئي سنڌي ساهت کي ارپي ڏني آهي. اَنيتا جون ڪويتائون ننڍيون هونديون بہ دل کي ڇهندڙ آهن. ٻنهي لاءِ منهنجون شڀ اِڇائون.

- **ڪانتا سترام ايسراڻي** (ڪار، ممبئي)

- ڪيڏو نہ اَپياس ڪيو اَٿو هن دنيا جي اڻ ڏٺل سرشٽيءَ جو، شل ڏڏي توهان جي دل دماغ کي وڏيڪ تازو رکي جيئن اَجان بہ قيمتي چاڻ سنڌي جڳت کي ڏيندا رهو-١۴-٣-٢٠٠٩

- راڌا ڪرشن عالمچنداڻي

- تون سنڌي سرور جو ڪمل - ڪمل جيان ٽڙندو رهين،
سني ساهت جي چمن ۾ - سدا خوشبوءِ ڦهلائيندو رهين.

وريل ڪارڙا ’ماستر‘ ١٦-١-٢٠١٠

- هاڻ اوهين پانهنجن جا پنهنجا ٻڌجي پٺو- پاڻيهي قدر ڪندا. اوهان صاحب لڳن ۽ گيان سان پرپور سدا لکندا ٿا رهو. اوهان ساهتيہ جو ڀندار لکيو آهي، شايد ئي ٻئي ڪنهن بہ لکيو هجي. ڪوي ڪنهن جي بدلي خوشيءَ جا تحفا ڏيندا رهندا آهن.

- هندوجانند ’آنند‘ - ٢١-٢-٢١٠

ڪمل پياسيءَ جي پياس، آتما جي خوراڪ

- هولارام هنس

جيئن زنده رهڻ لاءِ کاڌو لازمي آهي تيئن ڪمل پياسيءَ جهڙي شاعر لاءِ شاعري سندس روح جي غذا آهي. هن جا احساس ۽ اُدما، اَرمان ۽ اُمنگ، آشائون ۽ اَيلاشائون شاعريءَ رستي اُيرن، اُشرن ۽ اُجاگر ٿين ٿيون. ڪائنات سان هن کي نينهن آهي. هر اِنسان هن لاءِ پاڻُ پراڻا آهي. هن فهميدي فنڪار اٺڪل اٺ ڪتاب شاعريءَ جا لکيا آهن، پر اڃا سندس پياس ٻُجهي نہ آهي. شاعري هڪ اها تشنگي آهي جا ٻُجهڻ جي نہ آهي. هن گيت ۽ غزل، بيت ۽ نظم، هائيڪو ۽ ٽيڙو، آزاد نظم ۽ مڪت ڪوتائون وغيره لکيون آهن.

هن ڏات ڏڻيءَ کي قدرت جي ڪڻ ڪڻ ۾ ڪويتا جو واس ۽ نواس نظر اچي ٿو. هري دلگير هن جو رهبر آهي.

هي ڪمل وانگر ڪومل ڪوي فرمائي ٿو :

(۱) ”قول ڪي ڪڙندو جڏهن ڏسان ٿو،
اهڙو اُن لاءِ غزل لکان ٿو.

(۲) ”جيون گلشن بڻجي پوندو،
ڪنڊن ساڻ محبت هوندي.“

سنڌين جو سنڌي ٿي ڪري بہ سنڌي نہ سکڻ، هن شاعر کي پيڙا پهچائي ٿو.

(۱) ”ڪير پڙهندو ڪي بہ پستڪ، روز پانڪ گهٽ ٿين،
پوءِ بہ چاهيان ٿو تہ پستڪ، ساهہ سان سانڍي رکان.“

(۲) ”منهنجي پونجي ڪتاب هيڏا بند ڪبٽ ۾
مون کان پوءِ ڪو سنڀال لهندو- ائين بہ ناهي.“


اڄ جي اِنسان جي حالت ڏسو ڪيئن نہ چٽي ٿو :

(۱) ”ڪوڙ جا ڪوٽ اَڏائي پياسي،
سچ کي ڦاهو ڏيئي چڏيائون.‘

هن پستڪن کان سواءِ جپ صاحب، آشادي وار، نائين محلي جا سلوڪ، نصيحتناما، ڪيرتن سوهلا، آنند صاحب، دک ڀنجني وغيره بہ سنڌي ڪويتا ۾ انواد ڪيا آهن.

ڪيس هيءُ ڪتاب ڇپائڻ جي پريرڻا سداحيات ڀاءُ لالچند نچاڻيءَ (چينائي) دواران ملي جنهن پنهنجي سنڌي ڪويتائن جو ڪتاب ڇپائڻ چاهيو ۽ ڪمل پياسيءَ تي شرط وڌائين تہ اهو تڏهن ڇپائيندو جڏهن ٻئي ڪتاب گڏ پريس ۾ ڇپجندا. ڪيس انڪار ڪرڻ مشڪل هو. اڄ ڀاءُ لالچند تہ رهيو ناهي، پر سندس ياد ۾ هيءُ ڪتاب پڙهندڙن جي هٿ ۾ آهي. اسان کي اهڙي شخص لاءِ عزت ۽ احترامي آهي.

- شريمتي اَنيتا ڪيولراماڻي



رچناڪار ڪمل پياسي

- هر نظر ۾ سنڌ ماتا، تنهنجو سونهن ڏسان ٿو،
  پاڪ پوتر سنيهہ ڀريو ٿا- ٻنڌن پياسي ناهين.
- مڇين، مهاڻن، ساگر سان ٻتهيہ سال گذاريا آهن،
  اَڃا انهن جي سمرتين جا پل، دل تان ڪين وساريا آهن.
- قرب جو ميڙيل خزانو، ڀاونائن سان ڀري،
  جي هٿا سگ جا سڪايل، تن کي ئي ڏيندو رهيس،
  ڪين مٽبي پياس اَهڙي پل سدا پياسي رهان،
  زندگي آ ياترا، هر وقت سوچيندو رهيس.

- ڪ.پ.

شاعري هڪ اَحساس-ڪي ڳپت اُڌما

شاعر جا ڳپت اُڌما-١

- شاعريءَ جي شان ۾ جيءَ جان پرڻ چاهيون ٿا،
  بي زبان کي ڪائي پڻ زبان ڏيڻ چاهيون ٿا.
- زندگي ڳهرجي اُها، جيڪا جيئڻ چاهيون ٿا،
  تقدير کي تدبير سان جوڙي، رکڻ چاهيون ٿا.
- شاعري احساس آ اهڙي وڌڻ جي آرزو،
  ڇو نه پو آڪاس تي، اوچو اُڏڻ چاهيون ٿا.
- لفظن جي بازي لڳائي، ڪَرَ ڪٽي اوچو هلو،
  سمنڊ ۾ ڳهرو وڃي، موتي ڪڍڻ چاهيون ٿا.
- رهبريءَ جي لاءِ ڪي جذبا، اُتن ٿا دل اندر،
  محڪم رهي اهڙي وڏي، منزل تي رهڻ چاهيون ٿا.
- شاعريءَ جا جهول پري، نچ شبد جي سيسا ٿيون،
  جي ڪوتا ڪنوار جو، شان سوچڻ چاهيون ٿا.
- پورو بيراڳي بڻي مان، تن جي قدمن تي ڪِران،
  جي غزل **پياسيءَ** لکيا سڪ سان، ٻڌڻ چاهيون ٿا.

٢- احساس دل شاعر-عمر رسيد

- ڪسڪي ويئي اتم جواني، جسم ڪراڙو بڻجي پيو،
  سگهه نه سرير ۾، ماس تو لٽڪي لڪڻ سهارو بڻجي پيو.
- سوچڻ لاءِ شڪتي ويڳاڻي- اکين هيڻان ڪارا داغ،
  ڏند ڀڳل ڪن ٿيا ٻوڙا، جيئڻ اُڏارو بڻجي پيو.
- ڪين هلڻ جي طاقت آهي، هٿ پڪڙي هلائين ٿا،
  صورتخطي به سندر ناهي، قلم ويچارو بڻجي پيو.
- دماغ پوءِ به سجاڳ آهي، سوين سمرتيون ياد اتم،
  وسرن ڪي ٿيون گهڙيون سٺيون، وقت ٻاجهارو بڻجي پيو.
- وقت ورائي واڳ جڏهن ٿو، سڪ وارا سؤ ڳڏيا آهن،
  اڳندو آهي جوين اڳ جو، هاڻ سونهارو بڻجي پيو.
- سرير ۾ پل طاقت ناهي، سوچ صحتمند اَجا اتم،
  پوٿيون پستڪ ڪيڏا پڙهندي، اديب نيارو بڻجي پيو.
- ڇوڏر جيڪي ڏسبو آهي، شبدن ۾ سو گهڙبو آهي،
  غزل سگهارو لکندي **پياسي**، پاڻ ناميارو بڻجي پيو.

عشق ھن ڪلاڪار جا تاثر پسو :


(۱) ”عشق نہ آھي ٻئنڪ پياسي،
چيڪ سان ڪئش ڪرايون ڏن ڪي.“

ھاڻي اچو ڪمل جي ڪومل ڪويتا پڙھي پياس ٻجھايون :

(۱) ”ڪيڏا رنگہ ڏسان قدرت جا،
نم جي وڻ تي ھڪ نوريئڙي،
ساٿڻ جا تي انگہ چميا.“ (ھائيڪو)

(۲) ”منھنجو ڪوئي ماڳہ نہ آھي،
پاڳہ چئو جو پاڳہ نہ آھي،
منھنجي آس اجھاڳ نہ آھي،
درد جو در ڪڙڪائي چو تو،
پنڇيءَ ڪان پڇ ڳائي چو تو؟ (گيت)

ھن شاعر تارن جي ڪت تي ليٽي نور مان نغما جوڙيا آھن. آفرين.



يو. پي. سنڌي اڪاڊميءَ جي آفيس ۾
ساھتيڪار جوڙي آنيتا-ڪمل پياسي جو ڪيل سنمان

غزل

(۱)

واندڪائيءَ ڪي ڇُهان ٿو، شاعري هٿيار سان،
لفظ کي بوسيہ ڏيان ٿو، ڪنهن ڳجهي وهنوار سان.

- دل جي روشن گهر اندر - انڌڪار هو اڳ اگر،
پَر اُڏامي ويو هو، چنڊ چنڊ جي للڪار سان.

- ڪنهن اُداسائيءَ جڏهن، دانهون ڪوڪون ٿي ڪيون،
عجب منهن تي مشڪ آئي، ڪوڪلي اظهار سان.

- آرزو ڪيڏا هئا، ڪومائجي سي سڀ ويا،
باغَ ڪنڌهر ٿي پيا، ڪنهن عادتي اهنڪار سان.

- جنم وٺندي ئي اُميدن کي، نراشا ٿي پلئہ،
حاصلاتن جي بدل، نفرت پري آزار سان.

- جي لچارو ءِ نماڻو، انهيءَ لاءِ مان چا چوان،
پو بہ چاهت آ **پياسي**، اڻ ڇهيل اهنڪار سان.

(۲)

ڇوڙو ٿس سو ڇئي وجي ٿو،
پرواهہ ڪنهن جي ڪين ڪري ٿو.

- سَچ پري ٿو سڏڪا ڪيڏا،
ڪوڙُ اُنهن جا لڙڪ اُگهي ٿو.

- ويچارن جا نقش نرڙ تي،
جاڳي ڪيڏا خواب لهي ٿو.

- المست بڻي هوُ گهمندو آهي،
ڪجهہ بہ چوڻ کان ڪين ڊجي ٿو.

- زبان اُٿس بندوق جيان،
لفظن سان گوليون ڇوڙي ٿو.

- ڊجي نہ ٿو سياست جي جَڙ کان،
بحث ڪندي دهشت پلٽي ٿو.

- همٿ-ي-مردان، مدد خدا جي،
ڪٿي نہ **پياسي** آس رکي ٿو.

سھڻي سنڌي ٻاشا

جڳ ۾ سُکي رھڻ جي ٻاشا،
پيار جا شبد چوڻ جي ٻاشا.

- ٻاشا آھن سھائڪ سڀ لاءِ،
اڳتي قدم کڻڻ جي ٻاشا.

- ڪرم جو ھرڪو قل تو ٻوڳي،
طاقت آھ سھڻ جي ٻاشا.

- جيجل جي جيءَ سان جڪڙيل آ،
سڌ ۾ سڌ ڏيڻ جي ٻاشا.

- ھر فرد لاءِ ٻاشا سلجھيل،
صرف چوڻ ڪرڻ جي ٻاشا.

- ٻاشا ھر دشا لاءِ نعمت،
سڀ سنٻنڌ ڳنڍڻ جي ٻاشا.

- ٻارن جو طوطلي ٻوليءَ ۾،
سولي آ سمجھڻ جي ٻاشا.

- اکر اکر آ ماڻڪ موتي،
مالھا جيئن پائڻ جي ٻاشا.

- نينھن لڳائي ٻاشا سان ڪو،
مقدر آ ناھڻ جي ٻاشا.

- ھيڏا پستڪ لکيل اُنھيءَ ۾،
ڪين اُھا ڀُلائڻ جي ٻاشا.

- عالم، عاقل مدبر ھيڏا،
ٻوشيہ آھ سجائڻ جي ٻاشا.

- سنڌي سولي سوکيم ٻولي،
سدا لاءِ ھنڊائڻ جي ٻاشا.

- ٻاشا ٻوڄن آھ زبان جو،
ورثو آ ورسائڻ جي ٻاشا.

(٥)

صديون ڪنن ۾ تيون ڳالهائين،
ء ماضيءَ جو ڳالهيون دهرائن.
- حدون ديش جون اورانگهي سي،
ساهت کي هرهنڌ ڦهلائين.
- ڪٽي سڳاٽپ پاشائن جي،
تهذيب اڳين هت تا سمجهائين.
- الڳ الڳ جي ريتيون رسمون،
تَتُ اُنهيءَ جو هڪ ئي پائين.
- پرمپرا ساهت سان جڪڙيل،
سَچ کي سَچُ چئي سرچائين.
- ڪچيون ڪچايون اُکڙي سياٽا،
حال سان هردم قدم وڌائين.
- جيون جي سنجها ۾ باديون،
جوڳو **پياسي** ڏيان ڇڪائين.

(٦)

اَڄ بہ اُتي پڪ ڪي ڪي هوندا،
سِڪ سان سارينداپيا رهندا.
- تن جي ياد اَجا پڻ آهي،
وقت اَچڻ تي پڪ سڏيندا.
- سنڌ ڪان سڏڪا بڌبا آهن،
ايندي ويندي آنسون اُگهندا.
- ڳالهيون ڳوٺ جون ايندي ويندي،
ياد ڪندي ڳائيندا هوندا.
- جند جان گهوريندا آهن،
پنهنجا آخر پنهنجا تيندا.
- ڪيڏي خيالن ۾ اُڻ تڻ آ،
پياسيءَ سان سي گهوريان ويندا.

(٣)

مرڪ مرڪ ۾ ماڻُ محبت- اَجا بہ ياد آهي،
چهري تي چمڪي تي راحت، اَجا بہ ياد آهي.
- لڳڻ مان تي پيار اُپاميس ڪيچل ڪل ڪل سان،
قدم قدم تي هئس نزاڪت، اَجا ياد آهي.
- هن جي سڳنڌ، هوائن دئارن منهنجو من للچايو تي،
دَمُ دَمُ هن جي دائم ذهنيت، اَجا بہ ياد آهي.
- سرڳہ جي پريءَ جيان تي هن مونکي هرڪايو،
هن جي اَهڙي غئبي عادت- اَجا بہ ياد آهي.
- قلم ڪٽڻ سان ڪاغذ تي، لفظن جون بوندون برسن،
سندس ياونا، مون سان سهمت، اَجا بہ ياد آهي.
- ڪا تہ ڪشش آ جو هن لاءِ هردم هانءُ هَڇي تو،
هن جي هر ادا ۾ راحت، اَجا بہ ياد آهي.
- ڪيڏو هَيس احساس اکين ۾، پَل پَل ۾ پنهنجائي،
اَبوجهہ پيار نہ وسري، اَلبت اَجا بہ ياد آهي.

(٤)

ڦران تو هر دِشا ۾ مان؛ هوا وانگر،
رهان تو غئب ۾ غائب، خدا وانگر.
- الائي ڇو نہ تا سمجهن، مونکي اُنهيءَ سچائيءَ سان،
تہ مان آهيان اُنهن جي لاءِ هڪ رهنما وانگر.
- ڪڏهن پولار ۾ آهيان، ڪڏهن پاتال ۾ آهيان،
وڃي مان تو سگهان جت ڪٿ، پوتر آتما وانگر.
- گهڻا رشتا سڄاتم ۽ گهڻن جو پيار پاتو تم،
وفا جي موٽ ۾ مونکي، مليو جڳ بيوفا وانگر.
- ميارن سان ڪيائون گهاو، الزامن جي خنجر سان،
گذاريم زخم سينگاري، مليل ڦهري سزا وانگر.
- نہ ماٺي مان سگهيس، اڳيم نہ ماٺڻ جي اتم آشا،
پنهنجيءَ من مستيءَ ۾، رهان تو، ڄڻ دعا وانگر.
- وڃان جت تو تہ ڳولهيان تو، لفظن جا خزانا ڪي،
ڪريان تو ييٽ سپ پياسي، جڳت ۾ ڄڻ خطا وانگر.

(٨)

پنهنجو پاڻ ۾ پورو آهيان،
ڪڏهن ڪٿي نہ اَڌورو آهيان.

- منهنجي مٽتا پنهنجي آهي،
هر فن ۾ مان هيرو آهيان.

- ڪيڏا ارمان لُڪين اندر ۾،
خيالن جو تہ ذخيرو آهيان.

- ساهت مون لاءِ آهہ عبادت،
غرق اندر سمورو آهيان.

- ڏيان ۾ منهنجي دنيا ساري،
ڪٿي نہ مان اڻ پورو آهيان.

- پنهنجي من جو مالڪ آهيان،
اَحمق سمجهن زيرو آهيان.

- عرش فرش تي راڄ هلائي،
هر ماڳ بسيرو آهيان.

- لوڪ سڏاتو **ڪمل پياسي،**
پر مان ڪاغذ ڪورو آهيان.

(٩)

آءٌ ڪو وڏو مدبر ناهيان،
ءُ نہ وري اڪابر آهيان.

- محدود اُتم هن ديهہ ۾ شڪتي،
پنهنجي ٻَل ڪان ٻاهر آهيان.

- ڌرم، مذهب يا دين نہ منهنجو،
الڳہ طرح مان ظاهر آهيان.

- جادو ٽوٽا ڪين ڪي ڄاڻان،
سکہ سمپت جو شاعر آهيان.

- ڪنهن نہ ڪلا ڪي ڄاڻي **پياسي،**
ڪيئن چوان مان ماهر آهيان.

اندلڻ وانگر لفظ لفظ جا رنگ انوکا آهن،
مَهنديءَ جي مَهڪارَ انهن ۾، رڱ رڱ کي ٺارين.

- نازڪ نرمل، اوجل-اوجل، روپ ڪويتا راڻيءَ جو،
هن جي جوڀن انگ-انگ کي سيئي ٿا ساراهين.

- گلن ۽ غنچن جا ان ۾ ڪيڏا هڱاوَ پوتل،
اُمنگ ۽ احساس سدائين، ساٿ سندس ٿا چاهين.

- خوابن جي دوشيزا بڻجي، منهنجو من مچلائي ٿي،
هن جون جهمڙيون، ناز ۽ نخرا دل جا پاوَ پلائين.

- ڪائنات جي سونهن سينگاريل آهي هن جي واٽي،
منهنجا جذبا جهوڙي، مونکان درد پيون لڪائين.

- وڻ ۽ ٿاريون، محل ۽ ماڙيون، ڪچيون هجن ڪنيائون،
وقت به وقت شاعر کي تيون اُهي سدا جهنجهلائين.

- گهنگهرا پائي شبد نچن ٿا، کيرَ ڦُٽيءَ ڌرتيءَ تي،
ٺمندي ٺمندي تارا تن لاءِ، پنهنجو ڪنڌ جهڪائين.

- هن ۾ ماءُ جي ممتا اَهڙي، ڇاتيءَ سان چنبڙائي،
پيار پريءَ جهوليءَ ۾ لوڏي، ڇاتيءَ ساڻ لڳائين.

- ڌرتيءَ جي آنچل کي ڏسندي، چند جا ڪرڻا جهومن،
منڙي منڙي لولي ڳائي، ڪويتا کي ننڊ ڪرائين.

- هر نظم ۾ سنڌو ماتا، تنهنجي سونهن ڏسان ٿو،
پاڪ پوتر سنيهه پريو ٿا، بندن **پياسي** ٺاهين.

- مان ڪاغذ جو ٽڪرو آهيان، پنهنجي منهن تي نقش ڪيان ٿو،
پوءِ به هردم اُجلو آهيان.
- مان ڪا لڪل پرولي ناهيان - ڪين ڪٿي مان پاڻ لڪايان،
وقت سان ٺهڪيل بولي آهيان.
- پاڻ ئي آهيان خود شناس - ٿهليل منهنجو آ پرڪاش،
مقصد **پياسي** اَتم وڪاس.

(۱۲)

پنهنجو پاڻ کي پاڻَ سڃاڻ،
مڪتيءَ جا ملندءِ مانداڻ.

- نام هريءَ جو ور مک تي،
جڳتيءَ جا ملندءِ اِهڃاڻ.

- فرشتو بڻجي جڳ ۾ آئين،
اوتِ چنڊ جي تون چانڊاڻ.

- پريوءَ جو پيغام ڏيڻ سان،
ڪندين جڳت جو تون ڪلياڻ.

- ڪيڏي سيتل سندر وايو،
ڦهلائي جڳ ۾ سرهاڻ.

- هرڪو ڪاريه هن جو آهي،
ڦٽڪي هرڪو ڇا جي ڪاڻ.

- پاڻ سڃاتئه، جَڳُ سڃاتئه،
ڄاڻين تو بڻجي اڻڄاڻ.

- پريو جو آ **پياسي** هرڪو،
هو هر ڪنهن سان هميشه ساڻ.

(۱۳)

ويچارن کان گهڻو مٿي آ، سچ کي پرکن لاءِ ساڌنا،
جل، ڌرتي، پهاڙ، گگن جان مات کي ڌارڻ لاءِ ساڌنا.

- اَننت اوچائي وارو آهي، سرڳ جو پويون هڪ پراڻُ،
ڪير نه پهچي سگهي اُنهيءَ کي، وڪاس جوڙڻ لاءِ ساڌنا.

- اکيون ڏسن ۽ ڪن ٻڌن ٿا، ديهه جي عضون لاءِ لاچاري،
ڪابه نه ارچڻ يا مونجهارو، پَل پَل سوچن لاءِ ساڌنا.

- شڌُ ويچارن سان آتم جي اُنتيءَ کي اوج ملي،
هميشه رهندي ناس نه ٿيندي، اُدَم ڄڻائڻ لاءِ ساڌنا.

- ڪجهه به ڏسڻ کان، پوءِ انهيءَ کي، پورو پرکڻ آهه ضروري،
جو ڪجهه ڄاڻون، پرکي **پياسي** قدم وڌائڻ لاءِ ساڌنا.

(١٠)

اَنڌو اکر پڙهي نہ سگهندو، آنءُ اهو سڀ ڄاڻان ٿو،
ٻوڙو ٻانگہ ٻڌي نہ سگهندو- آنءُ اهو سڀ ڄاڻان ٿو.

- وقت سان هٿ ملائي هلندو، آنءُ اهو سڀ ڄاڻان ٿو،
پو بہ هٿ مَهٽيندو رهندو، آنءُ اهو سڀ ڄاڻان ٿو.

- ماضيءَ جا سپنا جهومائين، آنءُ اهو سڀ ڄاڻان ٿو،
گيت زمانو پيو ڳائيندو، آنءُ اهو سڀ ڄاڻان ٿو.

- مجبوريءَ کان مَنُ تڙپي هردم، آنءُ اهو سڀ ڄاڻان ٿو
پوءِ بہ ٻڌپ ڍڪائيندو پيو، آنءُ اهو سڀ ڄاڻان ٿو.

- سورَ اُداسيءَ جا اُڀرن ٿا، آنءُ اهو سڀ ڄاڻان ٿو،
پونگا نهيل ڦٽائيندو، آنءُ اهو سڀ ڄاڻان ٿو.

- وقت سان بازي لڙندو ڪير، آنءُ اهو سڀ ڄاڻان ٿو،
مُنهن ۾ ٻُجو لڳائيندو، آنءُ اهو سڀ ڄاڻان ٿو.

- پتيون اوچيون، چت بنا گهر، آنءُ اهو سڀ ڄاڻان ٿو،
دل جو درد وڌائيندو، آنءُ اهو سڀ ڄاڻان ٿو.

- پوري پياس ڪرڻ جي ڪاتر، **پياسي** جان وڃائيندو،
پوءِ بہ نہ هو پڇائيندو، آنءُ اهو سڀ ڄاڻان ٿو.

(١١)

اسان ٻنهي جي ياريءَ ۾، ڪوئي فرق نہ ناهي،
هڪڙو آهي پڌرو، پر ٻيو پڻ غرق نہ آهي.

- محطر محطر هرهنڌ ۾ آ، ڪيڏي پُر سرهاڻ،
اگر عطر آهي هڪ ۾ ٻيو پڻ عرق نہ آهي.

- جڏهن نگاهون ملن اکين سان، آشا جاڳي ٿي،
هيءَ آ حالت اَحساسن جي، هلڪو عشق نہ آهي.

- جيئڻ مرڻ جا قسم کٽي ٿو، هرڪوئي گهاري،
پَر ڪو پريمي تڙپي گهاري، اهڙو اَحمق ناهي.

- هو ٿو منهنجي حالت ڄاڻي، مان هن جي ٿو ڄاڻان،
منهنجو هُن ۾، هن جو مون ۾، **پياسي** شڪ نہ آهي.

(١٦)

سچ مان ئي سچ اُپجي ٿو- سچ ۾ ئي ٿو پسر ٿئي،
جڳ ۾ اَهڙي جاءِ ئي ناهي- سچ جتي پرگهٽ نہ ٿئي.

- سائِئي سون مان زيور ڪيڏا، ڳايون ڪيڏيون ڪير تہ ساڳيو،
ڪيڏي خلق رهي جڳت ۾- مالڪ خالق هڪ ٻڌجي.

- هٽ، پير، ڪن، اکيون، مٿو، هن جي حڪم اندر آهن،
جڳ کي جوڙي، ٺاهي ٽوڙي، چاهي جيئن اهڙي وڌجي.

- اکيون ڏسڻ لاءِ، ڪن ٻڌڻ لاءِ اکرن سان آلاپ ٻڌي،
هر دِشا هر راهہ ۾ هن جو، منڙو مُکڙو ٿو پسجي.

- رام، ڪرشن، نانڪ، نالا، هن جا هزار آهن،
جيڪو مَن ۾ جيئن هندائي، ان جو ور جاپ ڪجي.

- هن جي چيتن چنچلتا کي صحيح سڃاڻڻ مشڪل آ،
پو بہ منش جي ڳڻ اوڳڻ سان عجب سندس چهرو پسجي.

- بادلُ سورج ڍڪي لڪائي، اَهر ٿئي، اِنسان جو قاتل،
ڪوڙو لاهہ مکوٽو منهن تان، سَچ جي درشٽي نظر اَچي.

- اِنسان اهو جو پنهنجي جيون سنگم سان ئي ٿو گهاري،
اِنسانيت جي ڪرم سچي جان، هُن جو پورو ڳڻ پسجي.

(١٧)

سجنيءَ سپنن ۾ ڪيڪاريو،
سامهون ايندي ڪين نهاريو.

- منهن تي هن جي هئي غمگيني،
ڏسندي منهنجي من ٻاڪاريو.

- ممڪن مون لاءِ خواب لذا تس،
اَحساس ٻڌيو تس، پاڻ لچارو.

- پو بہ هن لاءِ چاهت مونکي،
دم دم دل ۾ سندس نظارو.

- پاڻ ئي آخر سمجهي ويندي،
شاعر **پياسي** آ دل وارو.

(١۴)

سا ڳيو اندر ٻاهر آهيان،
ڪيئن چوان مان ماهر آهيان.

- جَذبا اُڀري شعر ٿين ٿا،
هام هڻان ڪيئن شاعر آهيان.

- سوچڻ چَمڪو ڪن پَلَ لاءِ،
ڪُڙڪِپيتن وانگر آهيان.

- شعر سمنڊ جان ڪارا منهنجا،
چو ته اُجارو ظاهر آهيان.

- رڻ جي پڪڙيل ريتيءَ وانگر،
سادو سادو صابُر آهيان.

- وقت جي وارِي وَهي هٿن مان،
مان ان کان وڌ بدتر آهيان.

- گهاوَ وفا جا سهندي **پياسي**،
مان هڪ زخميل دلبر آهيان.

(١۵)

زندگيءَ جي راهه تي وِکَه وِکَه ڪٽي چوڏر نهار،
پڪڙيل رهن هر وات تي، ٻاٻري ڪندا هزار.

- پيار جي پڻ پيچڙي تي کڻ سنڀالي تون قدم،
پٿر، ٿوبڙ ۽ مٽيءَ جا، پڪ اُتي هوندا اَنبار.

- جيڪو نربل شخص آهي، ڪين شڪتي سهڻ جي،
هن جي چِت تي چاهنائن جو نه آهي ڪو شمار.

- ڪين ڪنهن کي آ خبر، زندگيءَ جي راهه جي،
پو به من ۾ تو رکي، عاليِ اُميدن جي سَنڀار.

- پيار جا ٻه ٻول مکه تي، مُشڪ راحت روح جي،
پل آَٽانگا پل اَچن، پر ڪين ٿئي ان جي پچار.

- آتما جي اَنت تائين، وقت ڊوڙي تو پيو،
اِنسان کي هر هر چتائي تو چوي شانتيءَ ۾ گهار.

(٢٠)

ڏپ جو زمانو ويو آ سڄاڻي،
تہ اڃ يا سياڻي، مگر هاڻي هاڻي.

- اُجايل اُجايل اڳ ئي آهيان،
مگر اُڄ منهنجيءَ کي ڏارا تي تاڻي.

- هيانَو تي کيل ڳهاوَ جو آ فسانو،
ذهن تو انهيءَ سونهن جي موجَ ماڻي.

- گل جهڙي ڪومل، لبن ساڻ لپٽيل،
ڪپي شانتي جيڪا سڀ کي پڇاڻي.

- وهنوار ڪڏهين نہ سمجهي سگهيو ڪو،
ڏنو آرسيءَ آنهڪ، سڀ کي سڄاڻي.

- زخم جسمن جا، ڪويتا تا بڻجن،
پڙهندا ڪي **پياسي**، اَڄ يا سياڻي.

(٢١)

مڇين، مهاڻن، ساگر سان ٻنيهہ سال گذاريا آهن،
اَجا انهن جي سمرتين جا پَل، دل تان ڪين وساريا آهن.

- فرض هئو سرڪاري، عزت ساڻ نباهڻ لاءِ،
عملي جي سهڪار سان مون سي پل پساريا آهن.

- ڪين ٻڌايم ڪنهن کي ڪيئن مون پوڳيو ۽ ڪيئن ماڻيو،
البت لهرن جي لوڏن تي سڪہ سوين مون ماڻيا آهن.

- رات سمي ۽ ساگر وچ ۾، چنڊ سان سات نباهيو هو،
چانڊوڪيءَ جي چادر اوڍي، تارا ڪين وساريا آهن.

- سمنڊ جي سيتل هيرن منهنجي سرير کي سيتلتا بخشي،
ڪين تا وسري سگهن اُهي پَلَ، جيڪي ساهہ سنواريا آهن.

- جفاڪشيءَ ۽ جدوجهد ۾ جوانيءَ جا ڏينهن ڪنجي ويا،
هاڻي سمجهان تو **پياسي**، درشيہ اُهي سنڀاريا آهن.

(١٨)

اسان کي آ هردم مَنائڻ جي عادت،
توهان کي مگر ڇو ڦتائڻ جي عادت.

- نہ احوال، خط پٽ، نياپو، سنديشو،
لڳي ٿو توهان کي ڀلائڻ جي عادت.
- ڏڻ وارَ تي گڏ گذاريندا هئاسين،
مگر ناهہ اَڄ اڪہ ملائڻ جي عادت.
- ڪيڏا نہ هڪبئي کي ڀاڪر پرياسين،
مگر ڪين ٿئي اَڄ نهارڻ جي عادت.
- سمرتيون مِنجي نہ وينديون اُهي سڀ،
اگر توکي ناهي مٽائڻ جي عادت.
- اُهي ڏينهن ڪلمڪہ ۽ راتيون سياڳيون،
نہ وسرن نہ آهي وسارڻ جي عادت.
- آيس اڪيلو ۽ ويندس اڪيلو،
مگر آ **پياسي** سنڀارڻ جي عادت.

(١٩)

زندگيءَ جي راهہ تي جيڪو قدم ڪٽندو رهيس،
پيار ۽ ڏڪار جو جذبو سچو سهندو رهيس.

- ڪنوڻ جي ڪيڪن جيان، گجگوڙ بادل جي طرح،
زهر پيڙائن پريو هردم پئي پيئندو رهيس.
- منهنجي معصوميت ڏسي، مونکي مَچو مورکہ چون،
جو بہ جيڪو جن چيو، سيني اندر سهندو رهيس.
- اَپياس ڪاتر ڪيترا پستڪ پڙهي پستڪ لکيم،
پڙهيل شل سمجهي سگهن، اَرمان سو پيئندو رهيس.
- جي ملي شهرت نہ مونکي، غم ڪيان ڇا جي ڪري،
جو بہ غم، رنج، دکہ مليل، مان ورهائيندو رهيس.
- قرب جو ميڙيل خزانو، ڀاوناٿن سان پري،
جي هٿا سڪ جا سڪايل، تن کي ئي ڏيندو رهيس.
- ڪين مِنجي پياس اَهڙي، پل سدا **پياسي** رهان،
زندگي آ ياترا، هر وقت سوچيندو رهيس.

(٢٤)

ڳوٺ، گهٽيون ۽ گهر ۾ ڳولهيم، پر مون ڪين سڃاتو،
پنهنجي هردي اندر نهاري، ڪيس مون پورو پاتو.

- هِتي هُتي ۽ هرهنڌ آهي، هن جي ڦهليل مايا،
پو به آتم آڪيڙي سان، جوڙيل هن جو ناتو.

- هردي جي هر ڪنڊ ۾ آهي، جوڙيل هن جو ڏيرو،
ڏئي سدائين سالڪ سڪ تو، ڪڏهن نه پٽ پاراتو.

- ساري جڳ تي درشٽي هن جي، تند تار بنا تو جاڻي،
جنهن کي هَٺ اِيمان نه آهي، گهٽو اُنهيءَ آ پاتو.

- هو مانجهي ۽ مجهدار به هو ئي، هوُ رهبر ۽ راهي،
هن جو روپ سروپ انوکو، هرڪو هن لاءِ آتو.

- جنهن جوڙيو هيءُ جهان سارو، ان جي هردم سار لهي،
دم دم تنهن کي ساريان **پياسي**، جنهن سان ئي جيءُ لاتو.

(٢٥)

مان هڪ جل جو قطرو آهيان، مونکي سمجهن تا مهراڻ،
ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ آتم بسيرو، مون لاءِ ڇو ايڏي ڇڪتاڻ.

- ڪين آتم ڪا صورت سهڻي، ڪين آتم ناموس ڪٿي،
پنڪان هِت هُت تي بنجارو، ڪنهن جي ڪين ڪَڍان تو ڪاڻ.

- مستن وانگر مست گذاريان، پنهنجيءَ ڪنڌهر دنيا ۾.
عام نه سمجهي پرواهه ناهي، سائين آتم سدائين ساڻ.

- اکيون، نڪ، زبان تي منهنجي هڪ ئي مورت آهه مڙهيل،
ايڏو نينهن نشو آ ان ۾، جڳ ڪري اُن جي واکاڻ.

- جهڙو آهيان، تهڙو آهيان، ساڳيو ساڳيو آهڙو آهيان،
ڏانءُ نه مون ۾ ڏاهن وارو، آءٌ اُجالي ڪان اَڻڄاڻ.

- صدقي آءٌ وڃان ستگر تان، جنهن جڳ جو آ سئر ڪرايو،
ڏئي هٿ ۾ هٿڙو مالڪ، ڇڪي وٺي تو ڇڪ سان پاڻ.

- رَتو رهان تو هن جي رنگ ۾، پلڄي پرم نه ڏاريان تو،
هن جي پڙ ۾ ماٽيان پيو تو، وير پُرش جي مان سرهاڻ.

(٢٢)

ملن مفت ۾ گهڻا ڪتاب،
پو بہ پڙهي، چاڻن نہ نواب.
- ٻوليءَ جو ٻل جن وٽ ناهي،
ٻُڙي ٻُڙي تن لاءِ حساب.
- هر اهنڪاري ليک سمجهي،
پنهنجي پستڪ کي ناياب.
- ڳاڻ ڳڻيا هوندا ڪي اَهڙا،
پڙهندا پستڪ جو هر باب.
- سرڪار خريدي محدوديءَ ۾،
باقي سانڍڻ بڻي عذاب.
- نالي ڪاتر سهاءِ ملي ٿي،
ليکڪ ڪيڏو پل ڪامياب.
- **پياسي** ڪير ڪري هَڻ پَٽ،
پورو جيئڻ نہ ٿئي خواب.

(٢٣)

ننڊي ڪان نظم تي قلم مون هلايو،
ڪويتا لکي مون تي غم کي پلايو.
- اڪيلائي منهنجيءَ مان ان جو ٻانهو،
همدم بڻيو تي سندس سارو سايعو.
- ڪلپنا ڪنواري تي هرڪائي هر هر،
مون مدهوش لفظن کي لوليءَ ۾ ڳايو.
- دل ۾ هئا درد سالن ڪان سانديل،
پٽي در دريون درد کي تن هٽايو.
- هجي ڪا اُها دل سچو سارُ سمجهي،
باقي نئوليون ڪرڻ آ اَجايو.
- دعائن جي بدلي دغائون مليون تم،
ڪوڙن هتي هر طرح تم رنجايو.
- لکيو تم، لکان تو ۽ لکندس پيو،
پياسيءَ جي اَڄ کي ڪنهن آ مِٽايو.

(٢٨)

نڪو ڏانءُ تم يا آتم ذات ڪائي،
لکان تو، لکڻ جي آ عادت پرائي.
- وَڏن جو آ ورثو، سانڍڻ تو چاهيان،
نہ نند پڻ ۾ ان ڏانهن نظر ڪا ورائي.
- سچو ڏينهن سوچيا، پڙهان ڪيڏا پستڪ،
شبدن جي مونسان سدائين پلائي.
- جڏهن ڪا ڪويتا لکڻ تو وهان مان،
ڪاغذ قلم تا تين حال پائي.
- ڇپيل منهنجا پستڪ آ دولت سين لاءِ،
ڇڏي جڳ لاءِ ويندس مان پونجي اُها ئي.
- ننڍپڻ کان ڪيڏو لکيو تم، لکان پيو،
ڪئي آهہ ڏاتر سندم رهنمائي.
- هندي، اڙدو، انگريزي آپياس کان پو،
سنڌيءَ ۾ لکڻ سان گهڻي موج آئي.
- سنمان ۽ شان جو ڪجهہ ملي تو،
پياسي اُنهيءَ ۾ سنڌيت جي وڏائي.

(٢٩)

ساهت مون لاءِ ساهہ ۾ سانڍيل، پستڪ مون لاءِ پراڻ،
لفظ لفظ ۾ شامل آهي، جذبن جي مهراڻ.
- منهنجي هر انگہ تي آهي منڊيل ڪو ماڻدانڻ،
شايد ان ۾ جادو آهي، جنهن کان مان اَڻ ڄاڻ.
- مان تہ لکان تو، مونکان ڪوئي، لکي لکائي تو،
سمجهان تو مان قلم دواران کوليان خيالي کاڻ.
- ساڏاراڻ اڻساڏارڻ ۾، مون لاءِ فرق نہ ڪوئي،
اڌياتمڪ ويچارن ۾ تو پلٽيان پنهنجو پاڻ.
- داد ڏين تا پڙهي پيارا، پانڪ ڪٿان ڪٿان جا،
سوچي سوچي آخر ڇُلڪن، مون لاءِ ممتا ماڻ.
- منهنجي منَ مَنڻ مان جاڳي آهي هيءَ چڪتاڻ،
هر وشيہ تي **پياسيءَ** جي آ پڪڙيل ڪا سرهاڻ.

(٢٦)

اُڌامي وييون منهنجي منهن تان اکيون،
آنڌن جون اَچي مون لڳايون هيون.

- ڏسي تو سگهان رنگ محلن جا درشيہ،
نچن ۽ ٽپن جت سرڳ جون پريون.

- دنيا جي ڏسان تو نزاڪت نياري،
وِشو جا نظارا تو ماٽيان پيو،

- وڃائڻ جي چنتا ستائي ڀلا ڇو؟
مون پڻ اُهي اڳ ڇورايون هيون.

- مرگهہ نئن ڪومل نزاڪت ڀريون،
ڏسن دور ڪان تيون اُهي پتڪڙيون.

- نڳيون، پاپ، ڪوڙن کي پرکي سگهن،
سچائيءَ جو ڳولهي ڪڍن تيون ڪڙيون.

(٢٧)

هڪ هڪ ڳوڙهو، روڏنُ آهي،
موهہ جي پيڙا ويڏن آهي.

- ڏسي آرسيءَ مان ازغئبي،
پوتُ بڻيو ڇو درپڻ آهي.

- اُداس ارمان، روئن اکيون تيون،
دل ۾ اُڀري ڌڙڪن آهي.

- هردم ذهن تي لڳن هٿوڙا،
پاڇو ڇو تيو دشمن آهي.

- گهر کان باهر اَچي ڏسان تو،
اڳتي وڌڻ نہ ممڪن آهي.

- روپُ رات جو، ڊيڄاري تو،
ڏينهن تہ مون لاءِ روشن آهي.

- انئي پهر آٺاسا **پياسي،**
مون لاءِ هر پل رهزن آهي.

(٣٢)

منهنجي غزل ۾ درد کي، تون دل سان داد ڏي،
دلفريب دوستيءَ جو دلبر سواد ڏي.
- سپنن جي سمرتين جا پلي محل تون اَڏائي،
تن کي صرف ياد ڏي، پر نہ ڪو وواد ڏي.
- رات جي انڌڪار ۾ اٽڪي نہ پون لوڪ،
پرھہ ڦٽيءَ کي پريم جو ڪو شبد شاد ڏي.
- تون درد ۾ هجين تہ، مون لاءِ نہ سکہ اُھو،
پنهنجيءَ پرسنتا جو هميشهہ مواد ڏي.
- دوستيءَ جو دم ھٽي، ھر ڪنهن سان ھڏُ ھٽان،
ان لاءِ مونکي عَملَ جو اصلي بنياد ڏي.
- منھنجي نہ دوستي کي نڪرائي دوست ڇڏ،
جو ڪجهہ ڏيڻ چاهين تہ، عشق جي ڪا ياد ڏي.

(٣٣)

هيڏو آهہ ڪراڙو پو بہ آهہ ڪويءَ جي ڪلڪ جوان،
سوچيندو آ جو، سوچ ۾ هن جي درشٽيءَ آهہ مهان.
- جو ڪجهہ چوڌر ڏسندو تن تي، شبد جو رنگہ چڙھائي،
ڪلا ڪلپنا سان تو شاعر، ڪري سندس ڪيڏي آجيان.
- سادو سودو ناهي هن جو، ڪوئي هرڪو سوچُ،
قدر ڪندڙ تو جاڻي، هو آ سخنور سلطان.
- وقت جا ڏاڪا چڙھي چڙھي هوُ پهتو اوچائيءَ تي،
هن جي ڪاتر بڻي پيو آ 'غزل' لکڻ آسان.
- خيالن جي گهرائيءَ سان تو سوچي ويچاري،
قافيہ، وزن، بحر سندس لاءِ بڻجي پيا وردان.
- اُستادن جي رهنمائيءَ هن کي اَڏي ڇڏيو،
اٽل اِرادي سان تي پيو آ قلم سندس بلوان.
- ائين بہ ناهي هرڪو هن جي ڪري پيو ساراهہ،
پوءِ بہ ڪين رهي تو **پياسي**، قلم سندس بيجان.

(٣٠)

درياھ جو ڪنارو ۽ سانجهيءَ سمو،
اُتي پيار پيغام جو سات گهرجي.
- تڏي هير سيتل آ وايو منڊل ۾،
خُماري رَهي، چاھ جو سات گهرجي.
- هُجي هُنَ جي ڏُنِ ۾ سچو ڏيان منهنجو،
باغن ۾ گلفام جو سات گهرجي.
- واريءَ تي پٽرن جا نشان گهرجن،
همت ساڻ وسرام جو سات گهرجي.
- اڳتي وڌيل پير پنتي نہ موڙن،
عبادت لاءِ آرام جو سات گهرجي.
- نظر دور ڪيڏي ڪجي تي وجي تہ بہ،
دوريءَ تي هر عام جو سات گهرجي.
- آڪاس ۾ رنگہ آهن اِلاهي،
هر رنگہ تي قيام جو سات گهرجي.
- چنتا کي ساگر ۾ بوڙهي ڇڏيو،
آتم کي ستنام جو سات گهرجي.
- سدا لاءِ سمرپڻ جي آديش لاءِ،
هڪ ٻئي جي انجام جو سات گهرجي.

(٣١)

چاهت لاءِ نهاريان تو،
سات ڏيڻ وارو ڪو ڪونهي.
- درشن لاءِ نهاريان تو،
هتي اَچڻ وارو ڪو ڪونهي.
- گڏجي گهاريان، نهاريان تو،
پير ڪٽڻ وارو ڪو ڪونهي.
- پيچ پريت لاءِ نهاريان تو،
هٿ وڌائڻ وارو ڪو ڪونهي.
- اقرار جي ڪاتر نهاريان تو،
دکہ گهٽائڻ وارو ڪو ڪونهي.

هلندڙ قلم کي روڪائي نہ سگھندا،
لفظن جي آتش ٻجھائي نہ سگھندا.

- هميشهہ قلم آهہ تلوار وانگر،
سندم ساٿ اُن سان هٽائي نہ سگھندا.

- سندم دوستي آهہ دم دم اُنهيءَ سان،
اُنهيءَ خوش دليءَ کي رُلائي نہ سگھندا.

- اَيمان آهي اسان جي قلم لاءِ،
جو ڪجھہ ڏئي تو، لڪائي نہ سگھندا.

- سهي جي سگھو تا، تہ اُن ۾ توهان جي،
مليل لاَپ کي لت لڳاءِ نہ سگھندا.

- رَهي ڪِلڪَ ۾ خون جي غضب ڏارا،
اُنهيءَ کي ڪڏهن پي سڪائي نہ سگھندا.

- مليا ڪين آهيون اگر پاڻ ۾ جي،
ڳجهي دوستي تہ بہ مٽائي نہ سگھندا.

- ڏرتيءَ کان اُپ ڏي قدم جو وڌائي،
رَنڊڪ راهہ ۾ ان جي لائي نہ سگھندا.

- پٿر هجي پو بہ پٿر ئي رهندو،
قلم سان اُنهيءَ کي رجائي نہ سگھندا.

- نصيحت ڏيڻ لاءِ قلم وڪہ وڌائي،
مگر **پياس** پو يي، بجهائي نہ سگھندا.

ننڊپڻ ۾ ڪيڏا نہ سجايل ها سپنا،
اَفسوس راحت جا پَلَ، سي بہ ٽٽي پيا.

- پانڌي بہ ساٿيا، منزل ساڳي پو بہ آخر،
ڏٺل اُهي رستا بہ اَپوڳا ٽٽي پيا.

- گڏ رهڻو هو گگن منڊل جي ڇايا ۾،
سورج جا پَرَ، هلڪا ڪرڻ ٽٽي پيا.

- ٻانهن جي گهيري ۾ گهارڻ جي لالچ،
پر اکڙين جا آنسون ڪارا ٽٽي پيا.

- سندس سنگ ۾ اُمنگن جي چانڊاڻ ملي،
هاڻ اُهي آڪار اَصلڪا ٽٽي پيا.

- ٺُنَ جو مَنُ منائڻ جي تجويز ڪندي،
پو بہ پيار جا ڪارڻ پورا ٽٽي پيا.

- هن سان ڳالهيون ڳجهہ ڪرڻ جي آس هئم،
سنبندن جا ڪچڙا ڌاڳا ٽٽي پيا.

- ڪيڏو درد هئو دل ۾، پر خاموش،
شبد لبن تي ايندي جملا ٽٽي پيا.

- عجيب ڀاونا هردم هن جي ڪاتر هئم،
پَر سي ڀاوَ ڀريا اِشارا ٽٽي پيا.

- هاڻ نہ ڪو فرياد ڪري سگهندو **پياسي**،
ديا دعا جا سڀ دروازا ٽٽي پيا.

کيڏي دهشت اُپري آهي،
ماڻهو تو ماڻهوءَ کي کائي.

- زهري گئس جي بند پيري ۾،
ڏُلُ ڏُلُ کيڏو تو لوڙائي.

- ڀمن ڦانڻ جا هي ڏڏڪا،
شانتي ۽ آرام ڦنائي.

- پريل اکين ۾ خون جي ڌارا،
وحشي نظرون ڪٽي ڏکائي.

- پاڪ ديش جي موڙهيل جنتا،
اَمَنُ نه سگهندا هوُ چورائي.

- تيندا ٻچڙا آتنڪوادي،
پنهنجي ساجهه سمجهه وڃائي.

- وحشي نظرن سان نوسيندي،
سگهندا ساهس ڪين ڏکائي.

- احمدآباد، دهلي يا بمبئي،
وينا آهن اَڏا ٻڌائي.

- ڪين سڦل تيندا سي ڪڏهين،
اَمن کي مايوس ٻڌائي.

- پارت آهه سچاڳ هميشهه،
وحشت کي سگهندو دفنائي.

- آخر انت انهيءَ جو تيندو،
وينو آ جو ڄارَ وڃائي.

- ديش جو هرڪو وير سپاهي،
پياسي لڙندو سينو ساهي.

- پڪ آ جيت انهن جي تيندي،
جن جو اِٽل اِرادو آهي.

- پيار ڪجي ائين پختو اهڙو،
نهر ڪري جيئن ساگر سان،
پهاڙ پٿر کي ڪٽي هلي ٿي،
رستو جوڙي اَنمبر سان.

- هٿ ڏرتيءَ تي اسين سين سان،
پيار جا رشتا شل جوڙيون،
هر ڪنهن سان ٺهڪي هڪ ٿيندي،
پريت ڪيون هر پاتر سان.

- ائين ٻه ٿيندو رهندو آهي،
هڪ جيتي ٻيو هارائي ٿو،
ٿلي پِتا هارائي پوءِ ٻه،
ٿيندو خوش سپاتر سان.

- لوڪ ائين تا سمجهن جيون،
مشغولي ۽ جفاڪشي آ،
محنت جو ملهه ضرور ملندو،
ساهس ۽ ايڪاگر سان.

- سَچُ اُهو ئي سچ ٻٽبو،
جيڪو سَچ پرڪاش ڏئي،
باقي لوڪ ته ڇهٽيل آهن،
عملدار ۽ ڪاگر سان.

- آهه حياتي ڪن جي ڪاتر،
جدوجهد ۽ جنبش ٻري،
پوءِ ٻه پياسي وڪه ڪٽي ڪو،
گهٽي اَدب ۽ آدر سان.

کوڙيتائن جيان نہ ڪومل ماڻهو،
سوچڻ ۾ تيا بزدل ماڻهو.

- تارازيءَ ۾ تورڻ ڪان پوءِ،
ڪين رهن تا قابل ماڻهو.

- ڪَلفُ تاتُ پوشاڪون پاتل،
مغروريءَ ۾ اوڊيل ماڻهو.

- گيرو ويس ۾ گهارين چو جو،
پاڻ سان پاڻ رنجايل ماڻهو.

- سيني آڏو چا لاءِ ايندا،
خيالي، خشڪ، ستايل ماڻهو.

- اونداهي ڪمري ۾ رهندي،
بڻجي پيا بوسائيل ماڻهو.

- روح جي هر وڪہ رهندن واري،
پياسي چيتيل چيتيل ماڻهو.

ترائيل

(١)

گيت **هري دلگير** جا پڙهندي،
دل ۾ جذبا جاڳيا آهن،
هُنَ جي گهرائي سوچيندي،
گيت هري دلگير جا پڙهندي.

ور ور شبدن تي سوچيندي،
غئبي گهرا خيال سڄاتم،
گيت هري دلگير جا پڙهندي،
هُنَ جي گهرائي سوچيندي.

(٢)

علم ۾ جيڪو آهہ اَمير،
پهاڙ پستڪ جا جهاڳيندي،
پو بہ آهي چو دلگير،
علم ۾ جيڪو آهہ اَمير.

آهہ اَدب ۾ عالمگير،
ڪيڏو ڳوڙهو تس گيان،
گيان جو مليو اُتس وردان،
علم ۾ جيڪو آهہ اَمير.

(٣٨)

پيو ڪو ملي، نہ ملي،
جهوليءَ ۾ هڪ سڪ گهرجي.

- انتظار اکين ۾ سانديل،
نظر اڳيان سنمک گهرجي.

- ڪيم پاڻ کي پاڻ نڇاور،
پريتم ڪو پرمک گهرجي.

- ڪومل جذبن وارو جوڳي،
پاوَ پنو سو رُخ گهرجي.

- مَن ۾ هردو سيتل سيتل،
اَهڙو ئي هسمک گهرجي.

- هجي اندر ۾ هردم سوامي،
ڪيئن چوان ڪو ڏُک گهرجي.

- آءٌ اڪيلو تنها جيون،
اَهڙو سنگہ الک گهرجي.

- نِڙي پيو هر حال ۾ جيڪو،
پياسي سو گرمک گهرجي.

(٣٩)

جيون ۾ تم اِچا اِهائي،
هجان هميشہ مان توسائين.

- دوا درد جي تون ئي آهين،
جڏهن ذهن ۾ منهنجي آهين.

- چٽڪ سمايل سيني ۾ تون،
پو بہ پاشا سان پنپلائين.

- هٿ تريءَ تي جي بہ لڪيرون،
تن تي پنهنجو قلم هلائين.

- شبد شبد ۾ سونهن پريل آ،
ڪويتا ڪنج ۾ پنڌ ڪرائين.

(۴۳)

هنجو هي آواز پراڻو، توهين نہ ڄاڻو،
اوندھہ ۾ ڇڻ آ ٽانڊاڻو، توهين نہ ڄاڻو.

- ائين تہ ڏاڍو صادق ۽ آ ساڃهہ وارو،
پوءِ بہ پنهنجي تو ويڳاڻو، توهين نہ ڄاڻو.

- جڏهن بہ ڏسبو، سوچيندو آ، سانت ۾ رهندو،
من ۾ هوندس ڪو مانڌاڻو، توهين نہ ڄاڻو.

- خيالي محل ٺاهي ان ۾ پاڻ ڪري پورو وسرام،
هرهنڌ هن جي لاءِ اَباڻو، توهين نہ ڄاڻو.

- لفظ لفظ ۾ پوتل عبرت، ويچارن ۾ پوري حسرت،
شبدن ۾ ڏاڍو آ سياڻو، توهين نہ ڄاڻو.

- شخص آ تو مون جهڙو **پياسي**، پوءِ بہ آهي،
شاعر هو بي حد سياڻو، توهين نہ ڄاڻو.

(۴۴)

اُڇلي پَهڻ تلاءَ اندر - ڏسان تو ڇوليون ڇانگہ ڏين،
اَڇن ڪناري ويجهو سرڪي، ڏرتيءَ لاءِ ڏن پاڳہ تين.

- رستي جي هر پاسي آهي، درخت ڇهچ وڏا ساوا،
هيٺ مان سيتل هيرون تن تي، نچي ٽپي تيون راند يون ڪن.

- پهاڙ جي اوچين چوٽين تي دلفريب نظارو آ،
بود ۾ پرجي جبل عام ڪي، پُنِ پُنِ ۾ سنديش ڏين.

- عام طرح جي هلچل ناهي - چنچل من تو رهي اُداس،
ڪائنات جي گود ۾ گهاري، جذبا تا وقلن تڙقن.

- قدرت جي هن شانتي ون ۾، شانتي صبر اختيار ڪري،
سمجهيم پاڻ مرادو پنهنجا، خيال خلق جي لاءِ پڪن.

- پرواهہ ناهي آءٌ اڪيلو، هت ڪٿيا ۾ گهاريان تو،
يوگ، ساڌنا جي بل سان ئي، منهنجا ڪارج راس تين.

- شل اَهڙي سگهہ ڏئي مالڪ! جيءُ رهي توسان جڪڙيل،
هردم تنهنجو رهان **پياسي**، لوڪ پلي مون لاءِ سِڪنِ.

(۴۱)

شعر لکان تو اُهڙو جيڪو ڳائيندڙ کي وٺي وڃي،
هڳاءُ سنڌ جو هُجي اُنهيءَ ۾ سُر تال ۾ کڄي وڃي.
- اوتيان سارو هاڻ اُنهيءَ ۾، احساس سان اَڏي ڇڏيان،
ٻڌندي ٻڌڻ وارو، پنهنجي سُڌ ٻُڌ ڀُلي وڃي.
- ڀاوَ ڀنل کي معنيٰ وارا، اکر نوان اُن ۾ اوتيان،
ويچارن جي مهڪ اُنهيءَ ۾، معطر معطر اچي وڃي.
- آنءُ مِٽيءَ جي چپٽي آهيان، پوءِ بہ جوڙ ادب سان ٿم،
جيئن سنڌ جي ڌرتيءَ جو ڀڪاءُ هرهنڌ مچي وڃي.
- قديم دؤر کان ٻاهر ايندي، جديد دؤر ۾ لکيو اٿم،
داد ملي جيئن ڪويتا کيءَ رخ نئون ڪو نهي وڃي.
- شاعر جي شخصي خوبيءَ کي ٻڌندي ٻڌندڙ واهہ واهہ ڪن،
هر دؤر ۾ اُها شاعري- جتي ڪٿي جيئن ڇٽي وڃي.
- لوڪ چون ٿا آءُ لکان ٿو- پر لکائي ٿو ڪو ٻيو،
شل اٿين ئي ساري عمر **پياسيءَ** جي پل ڪُٽي وڃي.
- شعر جو شوق نہ هو اڳي، پو بہ اهو ڪيئن لکجي ويو،
هر غزل جو سهڻو خاڪو، عام لاءِ مِست ٻٽي وڃي.

(۴۲)

لکان ٿو لکڻ جي روزمرهہ جي عادت آهي،
احساس ۽ جذبن ۾ جو، پوتل ساري سنڌيت آهي.
- ياد اَچن ڏينهن ٻچپن جا، گڏ گڏاريان يارن سان،
اَڄ اُنهن لاءِ سوچڻ سان ئي من ۾ ايندي راحت آهي.
- گهڙيون جيڪي سک سان گهاريم، تن ۾ چِڪ، اَجا آهي،
سرحد کان سڏ ايندا آهن، اِها بہ ڪا حيرت آهي.
- پتر پيار جا ايندا آهن، سک سان سي سارينداآهن،
مهمان ٻٽي، هت ايندا آهن، اَتاهہ سنڌن محبت آهي.
- ماضي ياد ڪري حال کي، شبدن سان سينگاريان ٿو،
سمجهان ٿو مان ان ۾ ئي ڪا، آشا جي شرڪت آهي.
- پڪ پڙهي رچنائون منهنجون، ضرور ياد ڪندا پياسي،
مان بہ پڙهان جيئن سندن مقالا، چُلڪندي چاهت آهي.
- تن کي ساري لکي وڻان ٿو، مَن جو بار ٿئي هلڪو،
سَڏ پڙاڏو ٻڌندي ئي سا منهنجي لاءِ اَهميت آهي.

خبر نہ آهي سويل صبوح جو ننڊ ڦٽي ڇو؟
در تي ٺيو ڇڻ ڪڙڪو آهي- ائين لڳي پيو.
- خيالن جي ڪيڪار لڳي ٿي اَٿيي، بلڪل اَٿيي،
ڪو تہ لڪل هو خواب اکين ۾، سو ئي ناچ ڪري ٿو.
- خبر نہ ٿم مان ئي بس، مان ئي آهيان،
پوءِ بہ منهنجو هٿ اکين تي وري ڦري ٿو.
- سامونڊي لهرن وانگر اُٿل پُٿل جي راند ڏسي،
ساگر ائين ڪناري سان ڇٽڪ راند ڪري ٿو.
- دنيا جي درياهہ مان ترندا، جيڪي تارون هوندا،
پرم پتا ۾ جيڪو پورو، ويساهہ رکي ٿو.
- نوسي نوسي هِتان هُتان تو لفظ ڪٽي،
ممڪن آهي اُهو ئي قابل ڪوي ٿئي ٿو.
- جيسين دم ۾ دم هوندو، شاعر شعر پيو لکندو،
لکڻ بنا ڪو **پياسي** شاعر، دم نہ رهي سگهندو.

(۴۸)

مونکي پنهنجي اَهميت آهي، پنهنجو هنر سڃاڻان ٿو،
مونکي مارڳہ پنهنجا آهن، پنهنجو گهر سڃاڻان ٿو.
- روڊ، ريل، هوا ۾ هلندي- پنهنجي منزل ڳولهيان ٿو،
مان اندر مان جهاتيون پائي، پنهنجو شهر سڃاڻان ٿو.
- علم آ ٿورو پوءِ بہ منهنجو من سدا سڄاڳہ رهي،
ڪين اَناڙي آهيان،، خود مان، پنهنجو قدر سڃاڻان ٿو.
- ڏات ڏني آ ڏاتار مونکي، قدرت ڪوي بڻايو آ،
ڏانءُ مليو آ پاڻ ئي پنهنجو، ان جو اثر سڃاڻان ٿو.
- ڪين هوا ۾ لٽڪيل آهيان، زمين تي آهيان پختو،
جو ٿو هِتي هُتي پڙڪان مان، پنهنجو سمر سڃاڻان ٿو.
- احساس اندر ۾ آهن هردم، شبدن جي صورت پائين ٿا،
ڪويتا جي ان فن ۾ هردم، پنهنجو ذڪر سڃاڻان ٿو.
- ڳولهي ڳولهي ڳائڪ ڪي ڪي، منهنجا گيت هميشهہ ڳائين،
تن گيتن مان **پياسي** چونديل پنهنجا شعر سڃاڻان ٿو.

(۴۵)

هن عمر ۾ منهنجو هلڪو ئي پيو آ آواز،
ڪن ٻوڙا ۽ ڏنڊ اڪين ۾ آهيان عمر دراز.

- هاڻ نہ منهنجا گڻ ڳايو، جو مون ۾ ڪي اوگڻ آهن،
اَنڌ اَنڌارو آ سپنن ۾ آهيان عمر دراز.

- ڏند ڍڳل، سست جسم، هلڻ ۾ پڻ هيٺو،
ڪين رهيو آ سُتَ لڱن ۾ آهيان عمر دراز.

- جيان تو جيئڻ لاءِ ڪيو آ ڪن پيارن مجبور،
من سدا آهي اُلجهن ۾، آهيان عمر دراز

- مَٽي جو مَڻُ، تئي تہ رَتن، سمجهڻ آ سولو،
پلجي ڪيئن پئون پرمن ۾، آهيان عمر دراز.

- آخر هڪ ڏينهن ان منزل تي پهچي پڪ وڃبو،
قائم ڪين رَهو وهمن ۾، آهيان عمر دراز.

- ڪين هلائي حيلو، يا ڪو بخت سگهي بدلائي،
جيون آهہ ڳنڍيل سواسن ۾، آهيان عمر دراز.

- اَڄ آهيان، سڀان بہ هوندس، ڪير اِها پڪ ڏيندو،
ڪين رهي سگهبو پرمن ۾، آهيان عمر دراز.

(۴٦)

چوڌر جو ڪجهہ ڏسندو آهي،
سوچي ان تي لکندو آهي.

- خوابن کي لفظن ۾ موڙي،
روپ علحدو ڏيندو آهي.

- جڏهن اُڏي آڪاس وڃي تہ،
تارن سان گڏ رهندو آهي.

- غرق تي گهري ساگر ۾ هوُ،
سِپَ جا موتي ڪڍندو آهي.

- ڪين سَتائي، ڪين ڏُکائي،
انتت ۾ هو رهندو آهي.

- تو مون جهڙو آ اِنسان،
پو بہ علحدو لڳندو آهي.

- من ۾ مونجهہ ۽ پياس اندر ۾،
ڪومل دل جو شاعر آهي.

- نالو هن جو **ڪمل پياسي**،
سڀ کي ڏاڻ ڏسيندو آهي.

(۵۱)

هن کي پنهنجي آهہ سڃاڻپ،
۽ اڳہ تس گهري ڏاهپ.

- هن جي هستي درشٽي پنهنجي،
خيالن ۾ ڪيڏي گهرائپ.

- ڪيڏي تس اُڏام اندر ۾،
ڪين اَجائي ڪنهن سان گپ شپ.

- منش روپ ۾ مرشد آهي،
سندس علحدي آهہ سڃاڻپ.

- هڪجهڙو وهنوار سڀن سان،
اوڳڻ هن جي لاءِ اَياڻپ.

- هتي هُتي پکڙي پنهنجا ئي،
پياسيءَ کي پنهنجي گهرائپ.

(۵۲)

اُهي ڏينهن هئا ۽ اُهي شينهن هئا،
جڏهن مهر جا وڏڦڙا مينهن هئا.

- اُهي راحتون، چاهتون، اڻ ڳڻيون،
سڪ، صدق، شرڌا پريا نينهن هئا.

- نہ وسرن اُهي سنڌ جون سمرتيون،
هو پنهنجن سڀن مائٽن جيئن هئا.

- سَڏُ ۾ ڏيئي سَڏُ سڏيندا هئا،
پلي دوستيءَ ۾ هوُ جيئن تيئن هئا.

- هئا مرد محبوب سيئي ملوڪ،
پلي هوُ بين لاءِ ڪجهہ ڪين هئا.

- اڪين ۾ اَجا تم اُهي سمرتيون،
پياسي نہ وسرن سڪيا ڏينهن هئا.

(۴۹)

وڏيءَ عمر ۾ ياد سڄڻ کي ايندا آهن،
جوڀن جا سک تن سان ماڻيل وسري ڪڏهن نہ ويندا آهن.

- دک ۾ سک ۾، هر ڪاريہ ۾، ساٿ اُنهن جو هوندو هو،
هو پڻ سر جو سانگو لاهي، مددگار تي رهندا آهن.
- سَڏَ ۾ سَڏُ سدائين ڏيندا، اوکيءَ ويل ۾ ڪين ڇڏيندا،
هرهڪ ڪم ۾ بيلي بڻجي هٿ ۾ هٿ جهليندا آهن.
- پنهنجائيءَ ۽ پريم ڀاوَ سان، غلطيون ڪيل سڌارين،
سک سنيهہ ۾ ڀاوڪ بڻجي، ڀاڪر منجهہ ڀريندا آهن.
- ڏڻ وار تي ڳڏجي مسڄي ڪيڏيون، کلون ۽ کائون،
وڙهڻ جهڙڻ جي ڳالهہ نہ ڪائي، هم دم هردم ٿيندا آهن.
- سنڌي ڳل گلابي آهن، خوشبو چوڌر ٿا ڦهلائين،
مُک جا منڙا، دل جا اُجرا، ڪنهن کي دک نہ ڏيندا آهن.
- وڻجارا واپاري، سنڌي، گيان وگيان ۾ نيارا سنڌي،
اورچائيءَ ۽ عقلمنديءَ سان **پياسي** پرگهٽ هوندا آهن.

(۵۰)

سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندڙ- سڀ سنڌي سي وڻندا آهن،
گياني ڌياني شاعر عالم، سڀ سنڌي سي وڻندا آهن.

- هميشهہ سرها سهڻا سنڌي، من موهيندڙ مُهڻا سنڌي،
ڪِلي ڪري ڪيڪارين جيڪي، سڀ سنڌي سي وڻندا آهن.
- ميلا محفل رنگہ رچائين، ڇيڄ هڻن ۽ پنجڙا ڳائين،
ڀڳتيءَ ڀاوَ ۾ ڀريل رهن جي، سڀ سنڌي سي وڻندا آهن.
- ڏڻ وار ملهائڻ وارا، دعوت ڏيئي گهرائڻ وارا،
خوشي ڏئي خوش ٿيندا آهن، سڀ سنڌي سي وڻندا آهن.
- شانَ سندن، سنمان ٿين ٿا، ٻوليءَ تان ٻلهار وڃن ٿا،
ماتر ڀاشا جي واڌيءَ ۾، سڀ سنڌي سي وڻندا آهن.
- سيني سان وهنوار سونهارا، هر فن ۾ آهن هاڪارا،
واپاري وڻجاراءَ پوءِ بہ، سڀ سنڌي سي وڻندا آهن.
- همٿ سان هر قدم وڌائين، سڀ اِڇائون پورڻ پائن،
پياسي پاڻ نڇاور ڪن جي، سڀ سنڌي سي وڻندا آهن.

(١٥)

ملهائتا داڻا
پوتل سپ هڪ هار ۾
مڪتيءَ ويڳاڻا.

(١٦)

ڪيڏو ماءُ جو موهه
ڪري لڇايون ٻار تہ بہ
ڪين ڪڏي ٿي ڏوهه.

(١٧)

سهڻا سهڻا سنگ
هاريءَ جو هردو نري
ٿين مست ملنگ.

(١٨)

برسات جون بوندون
بادل مان ٻاهر اَچي
ڳائينديون لهنديون.

(١٩)

کيلن ٿا فوٽ بال
چال ڏين چولين جيان
ڏاڍو ٿين نهال.

(٢٠)

مينگهه ڪيو ڇڻڪار
رت البيلي- هير ٿڌي
قدرت جو اظهار.

(٢١)

ساوڪ جو ستڪار
ٿهلن لوڪ اَچي اُتي
مَچي اُهو آپار.

(٢٢)

اڳہ جتي برپٽ
اَڄ بنگلا ۽ موٽرون
لوڪن جو ڳاهٽ.

(٢٣)

هڪ ڪبوتر ڪبوتري
گهوُ گهوُ ڳائين راڳہ
ڇڻ گونجي ٿي بنسري.

(٢٤)

منهنجو پيارو ڀاءُ
اسان ٻنهي جو هڪ ٻئي ۾
آهہ پڪو ويساهہ.

(٢٥)

دور رهي تو پل
ياد جو دل ۾ ديرو
سوچ ڪيان هر پل.

(٢٦)

وڏيءَ اوستا وارو
پو بہ جوان تَس خيالات
عام کان آهہ نيارو.

(٢٧)

حجت ڪيان هردم
ڪين ڪري اِنڪار هو
تڪڙو ڪٽي قدم.

(٢٨)

هن جي ياد اَچي
من ترقي ۽ دل لُڇي
سڪ سدا سهڪي.

هائڪو

(١)

ڪوي نئون آهي
شبد اُڌارا وٺي لکي ٿو
اکر نہ موٽائي.

(٢)

ڪيلن ننڍڙا ٻار
نچي ٽپي رانديون ڪندي
ڀڪائن سنسار.

(٣)

گھوريم سارو ساھہ
گھرجي ننڍڙو ٻار لاءِ
پنھنجو موھہ اَٿاھہ.

(٤)

تارن جو چشڪو
چورايل آهي چنڊ منجھان
چنڊ نہ ٿيو هلڪو.

(٥)

ڪانوَ ڪري ڪان ڪان
ٻارن جي هٿ مان کسي
چوي تہ لولو کان.

(٦)

ماءُ ڏئي لولي
لڪائي پٽ گود ۾
چوي مني ٻولي.

(٧)

اڄہ جتي سرهاڻ
سُڪي ويو آهي سچو
شايد رانديں ڪاڻ.

(٨)

سُڪي ويو درياھہ
ساگر مون ڏنو جتي
هاٺي ڏوڙ.اٿاھہ.

(٩)

شبدن جي سرهاڻ
چانئي آهي پنن ۾
غزلن جي چانڊاڻ.

(١٠)

سهڻا سهڻا سنگہ
ڪيتن جو سينگار ٿيا
هاري خوش ملنگ.

(١١)

ڪيڏو پيارو چنڊ
چانڊوڪيءَ جي ڪيت تي
لڳي نيارو چنڊ.

(١٢)

سمنڊ اندر ڏرتي
لڪل اندر سوين سپون
هر سپ ۾ موتي.

(١٣)

ٻارُ ننڍو پيارو
نچي ٽپي ءَ لاڏ ڪري
ٻڻجي دل وارو.

(١٤)

ياڪر پائي چنڊ
رات جو سواگت ٿو ڪري
ڪين اَٽس گھمنڊ.

(۴۳)
زندگيءَ جو سفر
کلي کلي تون کر گذر
کر نہ کو فکر.

(۴۴)
پرديسي ٿيا پنڙا
ماءُ پيءُ جي وڏي اوسئا
دل ۾ ٿن دکڙا.

(۴۵)
تنها پائن پاڻَ
جن جا ٻار پرديس ۾
زندهہ کنهن جي ڪاڻ.

(۴۶)
پوٽي ٿم البيلي
قرب مان سڏيانس پوپلي،
ڊوڙي اَچي کيچلي.

(۴۷)
چنڊ اَٿم مٺ ۾
تارن ڏياٽيون ٻاريون آهن
چانڊوڪي جُٺ ۾.

(۴۸)
حال اَٿم بي حال
وني تو ڪوئي وير پيو
جيئڻ آهي محال.

(۴۹)
ڪنهن ڪان ڏڪان تو
ٻاچن ڪان پڻ ڇرڪان
ڇا لاءِ پڇان تو.

(۵۰)
پري رهڻ چاهيم
سوين سور اندر ۾
لوڪين لڪايم.

(۵۱)
عمر جي گهيري ۾
سچ ڪوڙ سان سات ملائي
لڪان انڌيري ۾.

(۵۲)
دل ۾ هڪ ارمان
ڪيئن پهچان ان منزل تي
چوڌر آ طوفان.

(۵۳)
شاعر هڪ اُداس
جو بہ لکيم جنهن لاءِ لکيم
ڪارو ڪتو مناس.

(۵۴)
سور سندم سوغات
ڏاتر مونکي آهہ ڏني
خوشيءَ جي خوراڪ.

(۵۵)
اکڙيون ٿم آليون
سمرتيون سنڌ ڳوٺ جون
ننڍپڻ جون ڳالهيون.

(۵۶)
ستارن جي سونهن
منهنجي پوٽيءَ ڪان نہ وڌ
تن ۾ ونڌر ورنهن.

(۲۹)
بادل جا ڪڙڪا
پونَ ڪان پاڻ بچائج
وِچُ ڪيا واڪا.

(۳۰)
ساعت ساعت سارَ
نينهن لڳائي ويٺي هاڻي
پل پل سندس پچار.

(۳۱)
ننڍڙا ننڍڙا ٻار
نچڻ ٽپڻ کيلين پيا
روئڻ ڪلڻ هر وار.

(۳۲)
شيريون جي اکڙيون
ڪيڏيون مست لڳن ٿيون
گلاب جون مکڙيون.

(۳۳)
وقت وڏو اقبال
هر پل هلندو ٿو رهي
روڪڻ ٿئي محال.

(۳۴)
احساس جو ڍير
مَنَ جو مَنتَرُ ٿو ڪري
روڪي سگهندو ڪير؟

(۳۵)
اُپ مٿي تارا
اوتين اُڏما شهر ۾
ڏيندي اِشارا.

(۳۶)
عادت کان مجبور
پنهنجو پاڻ ۾ پاڻ کان
آهيان ڪيڏو دور.

(۳۷)
ڪيڏي، اَتم اُڪير
جلد تِنِ سان شل ملان
پر قتل تقدير.

(۳۸)
پانڪ ڳاڻ ڳٽيا
شاعر هيڏا تا لکن
ڪنهن لاءِ قلم ڪٽان.

(۳۹)
هئڪو، گيت، غزل
تنهنجيءَ يادن تي اَڏيل
آهي پريم اَجَل.

(۴۰)
هردم ٿو چِرڪان
سمجهان ڪين اُن سبب
چو ٿو آءٌ ڊڄان.

(۴۱)
چانءِ جو گرمي پد
اُس جي پاڇي کان وڏو
هيبت جيڏو قَدُ.

(۴۲)
ٿيو سو پلڄي وَڃُ
ماضيءَ جو حساب نہ ڪر
هاڻي سمجهي مَڃُ.

هيڪلا

هڪ نئون تجربو

منهنجي لاءِ هيءُ نئون تجربو آهي. عمدن ڪتابن جو اَڀياس ڪندي، ڪيترا عمدا دل ۾ هندائڻ جهڙا حوالا (References) مان پاڻ وٽ درج ڪندو ويندو هوس. چاهنا هئم ته ان جو لاڀ ٻيا سڄڻ به وٺن، ان ڪري انهن کي هڪ سِٽَ ۾ سميٽڻ جي ڪوشش ڪندي، انهن کي **هيڪلا** (ALONE) ڪري پڌرو ڪرڻ بهتر ڄاتم هڪ هڪ الڳ سٽ ۾ ڳوڙهو مطلب سمايل آهي، ويچارن جي وشالتا آهي. هنن ۾ ويچار هوندي به تنها ناهن البت اڪيلا ضرور آهن ۽ اڪيلا هوندي به هيڪلا (Alone) آهن. اُميد اَٿم ته پاٺڪ هن نئين تجربي جو سواگت ڪندا.

١- وقت جي ڦير گهير ۾ ايندي، لاڀ گهٽو ئي ملندو آهي.

٢- پيار ۾ ايڏي شڪتي آهي، دشمن دوست بڻي پوي.

٣- ممڪن ۽ ناممڪن جي وچ ۾، فرق رڳو وشواس جو آ.

٤- وشو سڄو هڪ درخت وانگر، ديش ملڪ ٽاريون ۽ پَنَ.

٥- لوڪ اڪيلا ان لاءِ آهن، پُلَ بدران پٽ جوڙين ٿا.

٦- پيار بنان ويران آ جيون، ڪنڌ ۾ ڪنڌهر چوڌر رشتا.

٧- اخلاق اگر آ داغي ڪنهن جو، هُنَ جي مترن کي پرکيو.

٨- سينو ساهين شُترن سامهون، ٻَلُ ڪپي پنهنجي لاءِ اَهڙو.

٩- اَنڌو ڏسي نہ سندرتا کي، ڪيڏو سندر آهي پاڻ.

١٠- جنهن کي ٻَلُ وشواس تي آهي- ڪٽي سيڻ جو هو وشواس.

١١- صحيح ڪيو ۽ سنو ڪيو، جڳ جيئن ان تي ريس ڪري.

١٢- ڪِلَ خوشيءَ سان ماڻ صحت- ياد ڪرڻ دُک وڏو زيان.

١٣- اَهم ۾ پاڻ پڌائين جيڪي، ڪين ٻين لاءِ اکر چون.

١٤- پنهنجو وقت وڃائين مورکہ، ور ور پنهنجا ڏينهن ڳڻي.

١٥- جيون هڪ ڪينهوڙي وانگر، هلندو پيو پڪڙي نہ رکو.

١٦- جيون آ آئيني وانگر، صورت مان سيرت پڌري.

١٧- مالڪ جا گڻ ڳائين جيڪي، حرف اُنهن جا هيرا موتي.

(٥٧)
ٻول مٺا ٻولي
وندرائي رانديون ڪري
ٿهڪن کي کولي.
(٥٨)
هيڏو آ وستار
شبد شبد ۾ آهه سمايل
دل جو اهو پيار.
(٥٩)
پرهه ڦٽيءَ جو پَهرُ
منڙو منڙو گيت ٻڌائي
چاهي جڳ جو خيرُ.
(٦٠)
سڪه سان ماڻ حياتي
مليو آ جيون جيئڻ لاءِ
اڳه جي خبر نه پاتي.
(٦١)
توري ۾ گهڻو ڏسڻ
ڪيڏا روپ رنگ دنيا ۾
رب جي رمز مڃڻ.
(٦٢)
ڪلهه جو ڪوڙو خواب
ٿئي ته سياڻي لاءِ روشن
حالُ نه ڏئي جواب.
(٦٣)
ڪين اُميدون لاهه
ٿيندو ڏينهن سڻائو تو لاءِ
ڪري نه ڪو گمراهه.
(٦٤)
جل گنگا جو پوتر
پو به منهنجي ڪاتر آهي،
سنڌو جل بهتر.
(٦٥)
پرش ۾ گر اَيمان
استريءَ جاتيءَ ۾ پڻ آهي،
آگ ٻريل جولان.
(٦٦)
شهر ۾ گهر ننڍڙا
واپس ڳوٺ هلڻ چڱو
هِت هُت ڀٽڪڻ ڪان.
(٦٧)
اَچا ته آءٌ جوان
عمر ڀلي اَسيءَ تي پهتي
ٻيڙي تي ڪانه لڳا.
(٦٨)
سج ڌرتيءَ کي ڇهيو
بغاوتي چنڊ ٻڻجي آخر
جهر جهنگ ۾ ڀٽڪيو.
(٦٩)
صاف دل روشن نظر
پکراج تارا اُپ جا
ٻهڪي چڻ چادر.
(٦٠)
اندلت ۾ ڪر سئر
ستن رنگن ۾ ڀٽڪڻ ڪان پو
ويندءِ متجي ڦهر.

٤٧- هڪ هڪ قدم کڻندي آخر، سفر سمورو پورو ٿئي.
٤٨- پاڻ کي پاڻ سڃاڻڻ جي لاءِ، پونجي پنهنجي هئڻ کپي.
٤٩- غريب اگر سنتوشي آهي، آهہ وڏو هوُ دؤلتمند.
٥٠- ڊِڄُ نہ اُنهن جي طعانن کان، جي عادت کان مجبور هجن.
٥١- ڪنهن بہ چيز جي چاهت کان اڳہ، ان گهرج تي گهرو سوچ.
٥٢- تيسين راز لڪائي سگهندو، جيسين هن جو مؤت اَچي.
٥٣- صبر ۽ شڪتي جي شرطن ۾، صبر شرط کان کٽي وڃي.
٥٤- ڏينهن ڏکيو ڪو سدا نہ رهندو، منش ڏکيو ڏکائيندو.
٥٥- جيسين جيون سادو ناهي، شهرت جو ملهہ ٻُڙيءَ طرح.
٥٦- نفرت سان ڪجهہ جيتڻ بدران، پيار ڪري هارائڻ بهتر.
٥٧- مَن کي جو ماري نہ سگهي، پاڻ کي ڪيئن مضبوط ڪري.
٥٨- هرهڪ پَلُ سدورو آهي، ڪوئي ڏينهن ندورو ناهي.
٥٩- علم، عقل جو عڪس بڻي ٿو، ويچارن سان ٿئي وڪاس.
٦٠- نئين زندگيءَ جي راهن ۾ غلطيءَ جو ڊپ ٻوڙي ٿو.
٦١- پونجي پرش کي جوڙي ٿي ۽ خدا پرش کي ناهي ٿي.
٦٢- سکيو رهڻ جي همت ڌاري، سمپورڻ پوءِ بہ سکي نہ ڪو.
٦٣- تيسين دوست دکي ڪري ٿو، جيسين ڪيس نہ دکہ پهچي.
٦٤- حليم منش ڪيئن ٿي سگهندو، ڏسي ٻين جي نازڪ حالت.
٦٥- آشا اکر خدا جو آهي، اُڪريل اِنسان جي مقدر تي.
٦٦- جيون جي هر پهلوءَ تي ئي، سمجهي سهڻو قدم کڻو.
٦٧- سنيهہ پريو سندريءَ جو جيون، مردن لاءِ وچتر گاٿا.
٦٨- سونهن کي جيڪو ساراهي ٿو، سدا رهيٌ ٿو اُهو جوان.
٦٩- ڪيڏو فخر وني بکاري، جو تہ اَڃا هوُ چور نہ آهي.
٧٠- ڪي جيون کي پيڙا سمجهن، پر ڪي اُن کي چون مذاق.
٧١- اَهڙي ڪائي دل ئي ناهي، جيڪا جذبن کان خالي.
٧٢- اڻ جاڻائي آ پاڙ پاپ جي، ڪير نہ اُن کي پرکي ٿو.
٧٣- تڪليفن جو حل ڪڍڻ لاءِ، سنگهرش پورو ڪرڻ کپي.
٧٤- جيڪا چيز پرائي هوندي، پنهنجي ٿي نہ سگهي اُها.
٧٥- ڪاغذ جا گل سهڻا سهڻا - ڪين اُنهن ۾ ڪا سرهاڻ.

١٨- ويسر گندي، پو بہ خوشين لاءِ ٻٽي، اُها ئي مهنگي ٿي.
١٩- پيار ڪرڻ جو ڍونگ برو آ، ڪين اگر پريميءَ کي چاهيو.
٢٠- سوچڻ وارا سوچي سوچي اَنبارن جو اُوج اَڏين.
٢١- ڪنهن جي ڪين اُميد وڃايو، ممڪن آ ڪي نئون ڪري.
٢٢- سوپ نہ آهي شهرت ماڻڻ، راهن ۾ رنڊڪون بہ اَچن.
٢٣- جوکم ڪٽندي اڳتي وڌندي، مقدر پنهنجو ڄاڻي سگهندا.
٢٤- ڏات ڏئي ٿو ڏاتر، پوءِ بہ ڏانءَ اَسين تا سکي وٺون.
٢٥- گهرج اُنهيءَ جي پوري ٿيندي، وشواس رکي ۽ صبر سکي.
٢٦- هڪ سؤ اُستادن کان وَڌِ ٿو پوچ پتا ٿئي لکن برابر.
٢٧- هڪ خوشيءَ سان ڏک هزارين، پنهنجو پاڻ مٽي وڃن.
٢٨- سونارا، درزي ۽ رسويا- مهل تي ٻڌجن ڳنڍي چور.
٢٩- وڏيءَ وڏيءَ واڪاڻ اندر، هوندو ڪوڙ دغا جو ڍيرو.
٣٠- ورق ورائيندي تاريخن جا، اَيياس ٻٽي ٿو خود اِتهاس.
٣١- اکر تہ آخر مٽجي ويندا، وديا هميشهہ قائم رهندي.
٣٢- حد کان وڌيڪ همت وارو، آخر ۾ هارائي ٿو.
٣٣- شخصيت سوڙهو لنگهہ اگر، چريتر آهي ڪليل دئار.
٣٤- بيک گهرڻ کان بهتر آهي، پنهنجي شڪتيءَ تي پارڻ.
٣٥- آيل هر اتفاق جي نوبت، پنهنجيءَ ئي جذبات ۾ ويڙهيل.
٣٦- پيار ڪري ٿو سچيار آدمي، لُفنگا عشق اڙائي ڄاڻن.
٣٧- ڪشت اَچي ٿو جيون ۾، ان جو ڪارڻ پاڻ اسين.
٣٨- ڪين اگر تقدير بدلجي، بدلي ڇڏيو وهنوار سين سان.
٣٩- سياڻا سوال پڇن هميشهہ، ڪين پڇي ڪو سوال پاڳل.
٤٠- وديا ۽ تهذيب بنا جڻ، اِنساني اِتهاس اَڌورو.
٤١- ڳالهائڻ کان مُڪتي چاهيو، شبدن کي ڇڙواڳي ڏيو.
٤٢- جيون جيئڻ لاءِ تيسين آهي، جيسين هر ڪرتويہ اوجل.
٤٣- پاڻ کي ڪين اڪيلو سمجهہ، مالڪ جي هر ڪنهن کي اون.
٤٤- احمق خوش رهي پاڻ سان، سياڻو هر ڏک تي هيسيل.
٤٥- هلندو آهيان، ڇُرندو آهيان، رب جي رحمت پسندو آهيان.
٤٦- عيش-و-عشرت ماڻيندي جي، شان کي ڪين سڃاڻيندين.

١٠٥- جيون سان جي قرب رکو ٿا، موت ۾ جيون ڏيندو پيار.

١٠٦- ڪجهه بہ ڪرڻ لاءِ پڪو اِرادو، پڪ اَتم ڪم ٿيندو راس.

١٠٧- هر پَلِ هن جو ڌيان رکان ٿو، رکڻ ڪپي هو ڪلاڪار آ.

١٠٨- ڇاڻي ٿو تہ بہ سانت رهي ٿو، ڇو تہ گهڻو هوُ قابل آ.

١٠٩- اگر نہ ڪوئي پلون ڪري ٿو، ڪيئن ڇئبو هوُ سياڻو آهي.

١١٠- ڇوي پلي ڪو ڪري نہ سگهندو، پو بہ ڪوشش چالو رکجي.

١١١- پاڻ ئي مُلهہ ڪٿيندي محنت، توهين نہ ان ۾ دخل ڏيو.

١١٢- پاڳل سچ ڳالهائي هردم- گهڻو ڪوڙ لاءِ سوچي سياڻو.

١١٣- چوڻ، پڇڻ، ڳالهائڻ ڪان وڌ، گڏجي گهارڻ ۾ سنتوش.

١١٤- ڪن گهريءَ لاءِ سوچ ڇڏڻ سان- هرڪو ايندو صلاح ڏيڻ.

١١٥- جيون جوڙيل سپنن سان آ، سپنا پوءِ بہ آخر سپنا.

١١٦- هرڪو فن تو پاڻ ئي بولي، فنڪار هٽي تو پيو ٻڌاڪون.

١١٧- ائين تہ ڪجهہ ٿيندو ڪين، پاڻ نہ اُدم ڪندين جيسين.

١١٨- مُلهہ مهانگي وڪٽي اَنيؤ، هرڪو شاهوڪار ٿئي ٿو.

١١٩- اَهمَ جي گهاءَ سان گهايل ناهي، اَهڙو دوست بہ آڏو ايندو.

١٢٠- سولو ڪونهي ڪوئي اَنيؤ، پوري جيسين ڇاڻ نہ آهي.

١٢١- ڏاڍو ڏکيو اَٽانگو سمجهڻ، هرهڪ جي لاءِ *آوَڪ ويرو.

١٢٢- ڪيڏو ذهن هلايان ٿو پر، آهن خيال اُڏارا ورتل.

١٢٣- دکہ ۾ ڪو بہ نہ پڇندءِ پيارا، پاڻ ئي گهار خوشيءَ ۾ هردم.

١٢٤- جيون آهہ ڪلا هڪ اَهڙي، جنهن جي ليک مٽائڻ مشڪل.

١٢٥- هر هر ڪيڏيون پلون ڪرڻ سان، آخر سوپ قدم چُمي ٿي.

١٢٦- صرف سچائي نعمت ناهي، سچي سياڻپ آهي نعمت.

١٢٧- صحيح ڪرڻ سولو آ ليڪن، صحيح سڃاڻڻ اوکو آهي.

١٢٨- وديا پرائڻ مهانگي پوءِ بہ، وديا بنا ودوان نہ ڪوئي.

١٢٩- چنبڊ تي پهچڻ جي ٻَلُ ڌاريو، تارن تي پڪ پهچي ويندا.

١٣٠- محدوديءَ تي بحث ڪرڻ آ، پنهنجيءَ محدوديءَ تي پارڻ.

١٣١- آئيندهہ لاءِ ڏپ ڪجي ڇو؟ ماضيءَ جي لاءِ روئڻ اَجايو.

١٣٢- پنهنجي آتم سوڌ ڪرڻ سان، روح پيار جو ڳولهي لهندا.

---

*آوَڪ - ويرو = انڪم ٽئڪس

٧٦- ويڙهه جهيڙ کان حاصل ٿئي نه ڪجهه، شل احمق سمجهن.
٧٧- اگر اُميدون لاهي وهندين، ڪيئن وجيه کي پائيندين.
٧٨- پاوَ پنل جذبن جو ڪوئي، شبدن سان سينگار نه ٿئي.
٧٩- سَچُ چوڻ ۾ راحت آهي- تناوَ سان من پرجي چو؟
٨٠- دور درشٽي سپني وانگر، انتر درشٽي سدا سچاڳه.
٨١- سينو تاڻي هلندو جيڪو، ممڪن آخر ڪري پوي.
٨٢- جنهن جي دل ۾ سدا حوصلو، ڪين ٿئي تو بڊو ڪڏهن.
٨٣- بهتر ٿيندي اُها يوجنا، هردم جنهن لاءِ رهي اُمنگه.
٨٤- حاصل سوپ ڪندڙ آ سوئي، جنهن کي ان لاءِ پڪي خاطري.
٨٥- جيون جو وچ وارو عرصو، لوڪ ڏيارين باديون وَر وَر.
٨٦- ڏرتي اِنسانيت جو پينگهو، قائم ان ۾ گهارڻ مشڪل.
٨٧- بالا بخت بڻائڻ خاطر، محنت پوري پوري گهرجي.
٨٨- مقصد پورو ٿيندي پو به، ڪين اِچائون گهٽ ٿين.
٨٩- سخت دليون ٿيون ڪومل بڻجن- مشڪل سان جي ڪجي سواگت.
٩٠- وجهه ملي پل ننڍڙو ڪوئي، اوچاين تي پهچي وڃو.
٩١- پيار به آ جڻ خالي برتڻ، صرف خوشيءَ جي خوابن لاءِ.
٩٢- جيون جي ماضيءَ جو سوچي، اڳتي اڳتي قدم وڌايو.
٩٣- همت ديا جي دؤلت بڻجي، ڊپ جو داٻُ گهٽائي ٿي.
٩٤- عمدا پستڪ ڏين اِشارو، صاف سچائي عمدو ٽول.
٩٥- قدم وڌائي اَڳتي جو، پوءِ به ڪُتي جيان رهي پنيان.
٩٦- چريا چون ڪي چيزون عمديون، ساڪه انهن جي گپت رهي.
٩٧- ترڪ ڪندي سپنن جي دنيا، جيئڻ ۾ ڪو جس نه رهي.
٩٨- ڪٽي ٿابريا اهو نه سوچيو، سوچيو ڪٽي هوُ ترڪي پيا.
٩٩- دور درشٽي جاڻڻ وارا، ناممڪن ممڪن ۾ قرين.
١٠٠- پيار ءِ پابوهه کي پائي، هرڪو شاعر بڻجي سگهندو.
١٠١- نَوَ دفعا جي وجئه نه پاتوَ، ڏهين دفعي پَڪَ فتح توهانجي.
١٠٢- پُلون ٿين ان ۾ پئه ناهي، رفتيه رفتيه سڌري ويندون.
١٠٣- بين جي منهن تي مشڪ ڏسڻ لاءِ، پهرين منهن پنهنجو مشڪاءِ.
١٠٤- سي ئي گهڙيون خوشيءَ جو مون لاءِ، ويهي گهر گذارڻ واريون.

١٦٢- پتي راند جيئن ٽيندي پوري، راجا راڻي بند ڪبت ۾.
١٦٣- جيڪي پيار ۾ ڪڏهن نہ پورا- اُهڙا عاشق هردم ڪوڙا.
١٦٤- ڪونهيان ڪنهن جو چمچو چيلو، پو بہ منهنجو ڪن سنمان.
١٦٥- غم خوشي يا ڪوئي دکہ سکہ، آهي چڻ چولين جي ڦيڻ.
١٦٦- منهنجا گيت گلابي چهرا، ڀنوئر انهن تي پائين ڦيرا.
١٦٧- ننڊين اکين ۾ هيڏا سپنا، بوند ۾ چڻ سمايل ساگر.
١٦٨- سون کي چمڪائي سونارو، من جو مئل ڪڍي ڪو سگهندو؟
١٦٩- هيڏو ساهت لکي رکيو ٿم، آخر ان کي پڙهندو ڪير؟
١٧٠- پرکيو عورت لباس مان اڳہ، هاڻ لباس عورت جي مهما.
١٧١- ملندي عزت تن کي هردم، چاهت جن کي هوندي هردم.
١٧٢- طوفانن جي دهشت هيڏي، پوءِ بہ ديپڪ ٻرن پيا.
١٧٣- پڇيم، ”اک ننڊي ۽ هيڏا سپنا“ پوٽيءَ آکيو، ”خيال وشال.“
١٧٤- مرتيو ڪان پوءِ ٽن ڏينهن ۾، سارو کيل ختم- بمبئي.
١٧٥- پاپ، ڪوڙ، جوا ۽ چوري، ڪانئرتا کي سنتوش ملي.
١٧٦- گهايل ارمان، روح سانت تہ بہ اوندهہ آهي شور مچايو.
١٧٧- ڪئلڪيوليٽر يگہ ۾ هوندي، انگہ ڳڻڻ ڏاڍو مشڪل.
١٧٨- ڏاريا ڪن گلائون چو جو، مُک سندن سدائين گدلو.
١٧٩- وڻ جي سيتل ڇائن اندر، ٻري ٿو اُس جو ترڪو شايد.
١٨٠- ڪوسو هير جو جهونڪو آيو، لُڇي گرم ڪا ياد ڪِٿي.
١٨١- منهنجي خط جو قاتل ٽڪرو، تنهنجي ڇاتيءَ تي اٽڪيل.
١٨٢- تواريخي واقعن کي ساڙي، آئيندهہ چمڪائڻ چاهيان.
١٨٣- ننڊ خواب جا دروازا، پر ياد جا پاڇا آتا سڀ.
١٨٤- تکا طنز جا تير سهي، حسن بہ ٿي پيو آ گهايل.
١٨٥- گفتا گنديءَ بوءِ ڀريا، لفظ سنياسي بوڇڻ ۾.
١٨٦- لکي لکي ڪو درد جو پاڇو، مُشڪ مان سڀ چورائي ويو.
١٨٧- ڏٻري خيال جي شرڻ وٺي چو شور مچايو آ نيتائن.
١٨٨- مالها ڦيري چون 'هري'، ڪرتوت پوءِ بہ شيطاني.
١٨٩- رستي تي جن ڏامر هاريو، سي ئي ترڪي ڪري پيا.
١٩٠- رت جو ڳاڙهو رنگہ سڪائي، پاڻ کي پيلو ڪري ڇڏيائين.

١٣٣- خود ثنائي آهه اُنهن لاءِ، جن کي سولو ناهه سڃاڻڻ.
١٣٤- فقير کي آ فخر اهو جو، هاڻي هوُ هڪ چور نه آهي.
١٣٥- موت ته هڪ پيڙا جو ڪارڻ، گهڻا مرڻ تا چون حادثو.
١٣٦- سپنن ۾ گر سڄاڳه آهيو، آهه حقيقت اُها حياتي.
١٣٧- اَڄ سيان جي وَهڪرن ۾، جيون تڪڙو تڪڙو ڊوڙي.
١٣٨- روڪي ڪين ٿي ناڪاميابي، خطرو ان جو روڪي ٿو.
١٣٩- مرد جو پورهيو مرد ڪري ٿو، ناري پو به اوچ مرد کان.
١٤٠- پاڻ تي رکه ويساهه، جيئن تون، پنهنجي وجئه سڃاڻين پوري.
١٤١- توکي ان لاءِ چاهيان ٿو، جيئن تو لاءِ سڪ ويساهه ٿِکي.
١٤٢- شخصيت جو دروازو بوتيل، فرض اُنهيءَ کي ڪليل رکي.
١٤٣- سياڻپ آهي سمجهڻ ۾، پر ڪوبه نه ڪارڻ ڳُڻِڻِ بنا.
١٤٤- دکه جيون جو اَنت نه آهي، جيسين هو موتي نه اَچن.
١٤٥- وکه وکه اڳتي ڪٽندي آخر، ميل هزارين سفر ٿئي.
١٤٦- سَچ غلطيءَ جو ڪروڏ وڏائي، پُلَ وڏي ڀاري نقصان.
١٤٧- ڀئه ۾ همٿ ڀڄي وڃي، ڊپ ۾ ڊيڄو ڪن نقصان.
١٤٨- پاڳل، غافل، جاهه جيڪي، سياڻن کان چو تا چرڪن.
١٤٩- جِت جيونُ اُت گهڻيون اُميدون، گهڻيون اُميدون خواب گهڻا.
١٥٠- سپنا ئي خواهش جو سرجڻ، همٿ سان تي وجئه ٿئي.
١٥١- امير اُهو ئي سڏبو، جنهن جون گهرجون هجن محدود.
١٥٢- اُهو ئي جيون آهي جنهن سان جس ملي ساري جڳه کي.
١٥٣- پيار ڪرڻ هڪ وڏي پرولي، موت کان وڌ ان جي هَستي.
١٥٤- ڪليل درين مان ايندي آهي، خوشحالي ڪسڪي ڪسڪي.
١٥٥- بار ماءُ جي دل وندرائڻ لاءِ، پيت امولڪ پيءُ وٺان ئي.
١٥٦- ڪير چوي ٿو هرڪو ماڻهو، اڳه ئي اصل سياڻو هو.
١٥٧- سياست مان ڪجهه پائڻ ڪاتر، اُبتا اُٿن سنسد ۾ سوال.
١٥٨- پيار ڪرڻ بيوس جي خواهش، خواهش ئي خود بيوس بڻجي.
١٥٩- من جي مونجهه مٽائڻ ڪاتر، ناري طلبي تي ڪجهه وَر وَر.
١٦٠- جيڪو پاڻ ٿو خوش گذاري، خوش رکي ٿو سيني کي.
١٦١- قائم ڪجهه به هن دنيا ۾، ڪشت به قائم رهندا ڪين.

٢٢٠- وديا پرائي لوکن کيڏي، پوءِ بہ چونڊ ڪتاب پڙهن.
٢٢١- ڪنهن جو ڀاڱہ خراب ٿئي، پر ڀونڊو ڪنهن لاءِ ٿئي ثواب.
٢٢٢- اتهاس گونگو ٻوڙو تن لاءِ، پڇڻ سان نہ ڏيڻ جواب.
٢٢٣- سياست ۾ گڻ اَهڙو آهي، سياڻو بڻجي مورکہ ٿو.
٢٢٤- پيار آ پڇندڙ ٿانڊي جان، ساڙي ٻاڙي خاڪ ڪري.
٢٢٥- حد کان وڌ سياڻو ٿيندين، چوندا مورکہ آهين تون.
٢٢٦- جيئڻ جو ڪو قدر نہ ڄاڻي، تن لاءِ جيئڻ موت برابر.
٢٢٧- بستي آهہ غريب گهرن جي، پنجن رپين ۾ چانهہ چُکي.
٢٢٨- اوندهہ ۾ ٽانڊاٽا ٽهڪن، چوڌر اکيون شيطاني چمڪن.
٢٢٩- روح اڪيلو گهاري جڏهن، لفظ روئن، پر غم ڪِلي.
٢٣٠- دوست نہ ڪوئي دلبر ٿيندو، جيڪو خود سودائي آهي.
٢٣١- غم اندر ۾، مشڪ چهن تي، اِها سندن هيٺائي شايد.
٢٣٢- خوابن جي بستيءَ ۾ رهندي- چوي تو اُپ ۾ محل اَتم.
٢٣٣- ماضيءَ کان پوءِ حال ۾ آيو، راڄُ سندس سياڻي ٿيندو.
٢٣٤- ٿيو حسن تي گهايل جيڪو، پيار جي لَت لڳي هوندس.
٢٣٥- پيتيءَ ۾ پيو دان، اُنهيءَ لاءِ، پيٽ ۾ سندس ٿيو سنمان.
٢٣٦- در تي نڪ نڪ ٻڌندي ٻوڙي، ماءُ جي پوري ممتا.
٢٣٧- وار بگاڙي ڏاڏي جا، پوٽي چوي 'لالو پرساد'.
٢٣٨- ليڪا پٽ تي پائي چوندي هيءُ اسان جو ديس مهان.
٢٣٩- ڪيڏيون غلطيون ڪتاب اندر، ان ڪي تہ بہ ملي انعام.
٢٤٠- شايد ڪَرم ڪنجوس اُهو ئي، رکي تو لڪشمي ٻوسائي.
٢٤١- ڪيئن پڇندو هو حال، جڏهن هو پاڻ ئي آ بيحال.
٢٤٢- ڏِسٽي آڱر ويو ڪپائي، ڪنهن تہ هن تي ڪنئين هوندي.
٢٤٣- منش نہ ڀاڱہ جو قيدي آهي، هو آهي ٻاندي من جو.
٢٤٤- پوري ساڄهہ سمجهہ هلائي، لاڀ ملي، سو چون نصيب.
٢٤٥- جيون آهي جنبش، انهيءَ ڪي گلي لڳائڻ ۾ جس آهي.
٢٤٦- پڌرو ان جو ٿئي سياءُ، جڏهن ڪري ڪنهن ساڻ مذاق.
٢٤٧- پرگتيءَ جي پڪ ناهي، درگتيءَ کان دور نہ پهچي.
٢٤٨- مالڪ منڙي لاءِ هڪجهڙو، ماٿو الڳہ الڳہ ڀلا چو؟

١٩١- لفظ لفظ ڇَنڊون ۽ ڇَڪ، تقريرون ٽانڊا ۽ ڄَرَ.

١٩٢- نئين ڪويتا ڪارو اَمرت، شبد ڏين اوڪارا اُنَ ۾.

١٩٣- گنگا نديءَ ۾ ٽٻيون هڻي تہ بہ ٻانيڻ آخر ٻاڙو ٻولي.

١٩٤- سچ تپت ۾ ڏينهن سُسي ويو، رات چنڊ کي پاڪي پاتي.

١٩٥- ماڻهُہ پيانڪ، روئندڙ واٽون، ڪنڌھر ڪڇيون هڻن.

١٩٦- چوراهي تي پاسڻ ٻڌندي- ڏنيون گڏهہ پڻ خوش ٿي هينگون.

١٩٧- جڏهن ذهن کي اَچن ولوڙا، جذباتي ڇٽنگون نڪرن.

١٩٨- لڳولڳہ گهرن ۾ گهاري، پيءُ پٽ جو گڏيل ڪٽنب.

١٩٩- ماضي، حال ۽ مستقبل ۾، ٽاٽي ٽئي اسرار.

٢٠٠- پاڻ ئي آهيان، جيئن ئي آهيان، ڪين پڇو مان ڇا آهيان.

٢٠١- واريءَ تي وڻ پوکي سمجهن، برپٽ باغ ٻڻي پيو.

٢٠٢- چهرو اَتڪيلُ آئيني ۾، ضمير ان جو ننگو ننگو.

٢٠٣- هيڏا اجگر خواب لڪل، پنبڻين جي پڙدي اندر.

٢٠٤- گهر جي اندر گهر وسي، پر نہ دلين جي اندر دلبر.

٢٠٥- ولوڙي ويچار پيو ٿو، اَنڌو ۽ اونداهو آ شڪُ.

٢٠٦- ڪنهن تہ رُلائي رول ڪيو آ، سياست جي سنسار ۾.

٢٠٧- وناشُ ٿيندو وڪاس سارو، سوچ اگر هوندو ڪمزور.

٢٠٨- سرڳہ سان شادين جو آ سنبنڌ، وِڄُ، ڪنوڻ، طوفان جيان.

٢٠٩- سچ ڪوڙ جي پرکہ ڪرڻ سان، ٻار ٿئي آخر بالغ.

٢١٠- سياٽپ پَڪ مچيندو سو ئي، جنهن وٽ ڪانہ اَياٽپ هوندي.

٢١١- درخت ٻدران پوکيان پيارُ، ماٽيان هرڪنهن جو اُپهار.

٢١٢- ڏسي ٿين ٿا دکي، انهن ڪان، اڻ ڏنا ڪن ٿا آرام.

٢١٣- ترقي ڪن ٿا ساهس ڌاري- سنڪلپ تن جو سوپارو ٿئي.

٢١٤- سارو ڏينهن اَجايو ويندو، مشڪ اگر چپن تي ناهي.

٢١٥- مارَ جي موتَ نہ ڏيندو جيڪو، ان کي مارڻ آهہ اَجايو.

٢١٦- چنتا ڪري سياٽي جي تون، سوپيا اَڄ جي ڪين وڃاءِ.

٢١٧- پيار سان جيون گهارڻ سان ئي، موتَ ۾ جيون پيار ڪري.

٢١٨- اُتي اَميري شان اَجايو، جتي غريبيءَ جو اَپمان.

٢١٩- زبان گهٽ هلاءِ سدائين، ڪَن ڪڙا رکہ پاڻ هميشهہ.

٢٧٧- ڪنهن کان بدلو وٺڻ کانپوءِ، ڇڪيا پنهنجي تيار رکو.
٢٧٨- اک ڪيڏڻ سان اک تي ويندي- ٿيندا سدا ٻئي نابين.
٢٧٩- گهاوَ ڪرڻ سان گهاءُ ئي ملندو، گهاوَ سان گهاوَ نه مٽجي ٿو.
٢٨٠- جيون آهه نديءَ جي ڌارا، وهندي ٽيسين، سُڪي نه جيسين.
٢٨١- تون مون ۾، ۽ مان تو ۾، باقي جڳت مسافرخانو.
٢٨٢- مشڪڻ جو ڪو ملهه نه هوندي، مشڪ وڌائي شان شخص جو.
٢٨٣- ٻالڪ جي سؤڀاڳه تي سوچيو، اهو نه سوچيو اَڄ هو ڇاهي.
٢٨٤- وقت اسان سان ڊوڙ پچائي، ڊوڙي ڪين سگهندوَ اُن سان.
٢٨٥- اُپت آهر جيون گهاريو، جيون سُهندو ائين ڪرڻ سان.
٢٨٦- خاموشي آ موت برابر، سڀ ڪجهه ڇوڏر خاڪ برابر.
٢٨٧- خبر نه آهي گهرجي ڇا؟ پوءِ به ڦٽڪون هر شيءِ لاءِ.
٢٨٨- نمي نماڻو رهي جڳت ۾، اهو ئي پائي سنمان گهڻو.
٢٨٩- وير ٿيڻ کان اڳ ۾ هردم، دل جا وير دلير ٿيو.
٢٩٠- خوابي دنيا ۾ گهارڻ لاءِ، خواب سڪو ساڪار ڪرڻ.
٢٩١- اگر اِرادو پختو هوندو، هارَ جي ڇايا ڪين پوي.
٢٩٢- جيون سکيو گذارڻ ڪاتر، پنهنجو پاڻ کي ڇڏيو وساري.
٢٩٣- جڳ لاءِ ڪاريه پوڄا سمجهو، ڪرتويه ئي آهي ڀڳوان.
٢٩٤- آنند ماڻين، آنند ڏي تون، آنند ۾ ئي آنند آهي.
٢٩٥- اهڙا ڪتاب قائم گهرجن، جن سان دِرشٽي ٿئي وشال.
٢٩٦- تجربو هڪ امولڪ منتر، ڀهرين پرکي پوءِ اُچار.
٢٩٧- مدد ڪرڻ جو سوچڻ سان ئي، مَن ۾ آنند اُڇل اَچي.
٢٩٨- سُکه لاءِ هردم سکيا وٺون ٿا، پوءِ به سُکُه ته رهڻو ناهي.
٢٩٩- جنهن جي منهن تي مشڪ گهٽي آ، ٿِهڪُ سندس اِخلاق وڌائي.
٣٠٠- من شڌ هوندو چڱي ڪرم لاءِ، چڱو ئي ٿيندو رکُه ويساهه.
٣٠١- چنڊ جو چمڪو سورج ڏئاران، آتم شڪتي آئي ٿَمَ.
٣٠٢- زنده لاش اُهو ئي چئجي، جنهن کي نفرت ڀوميءَ لاءِ.
٣٠٣- جيون ايڏو تڪڙو ڊوڙي، ڪن ۾ ٻال، جواني، پيري.
٣٠٤- سياست رڳو واپاري وستو، ريت اُنهيءَ جي اَڄ رُپئي ۾.

٢٤٩- حالت ڪين ٿو منش بڻائي، حالت ان کي ناهي ٿي.
٢٥٠- مترتا جي منڙي واٽي، اڪرن کان وڌ اَهميت واري.
٢٥١- دوستن بدران پنهنجن کان تون، پنهنجو پاڻ سنڀال.
٢٥٢- منهن مان مترتا پرکڻ کان، سندن دلين ۾ جهاتي پاءِ.
٢٥٣- پڳہ بَڌائي وڌو چون تہ بہ، منهنجو پاڇو ان کان اوچو.
٢٥٤- سڪ سچي قرباني چاهي، عشق سان جنهن جو آ سنبنڌ.
٢٥٥- پَل پَل جو نقصان ڪري مان، پنهنجا ڏينهن وڃايان ڇو؟
٢٥٦- جيڪو اڳتي ڊوڙڻ چاهي، پُٺ ورائي ڏسندو ڪين.
٢٥٧- جِنَ سياڻي جي آ دل ۾، پاڳل جي دل اَندر زبان.
٢٥٨- پنهنجي بخت بڻائڻ چاهين، پنهنجو رُخ بدلائي ڇڏ.
٢٥٩- ڪوشش ڪين وڃي اَجائي، ڪوشش کان تو منهن نہ موڙ.
٢٦٠- هڏ هڻين ٿو جن لاءِ هيڏا، جان نہ گهوريندا تو لاءِ.
٢٦١- آشائن جي اَهميت ايڏي، پيار کي جيڪا جنم ڏئي.
٢٦٢- ڪين اُميدون رکہ ٻين تي، پنهنجو پاڳہ بلند بڻاءِ.
٢٦٣- موهہ ڇڏڻ کان سوچ اچي ٿي، تنهنجو آخر آهي ڇا؟
٢٦٤- صبر سيڻ لاءِ سولو ناهي، صبر گهري پورو وشواس.
٢٦٥- نئين موڙ تي قدم وڌائي، ڊپ کي دل سان ڪيي ڇڏيو.
٢٦٦- آزمودن سان سِکَڻُ ڏُکيو، پوءِ بہ ان ۾ پلون ٿين.
٢٦٧- يتيون بہ هاٿي پِٽڪن ٿيون، لوڪ لڪائين، پل گهٽو ڪجهہ.
٢٦٨- ڇو نہ هجي ودوان وڏو پَر، اخلاق بنا احمق سَڏبو.
٢٦٩- لالچ، هبڇ، لڇائي جاٽي، تنهن لاءِ ڪائي کهل نہ ڪنهنکي.
٢٧٠- ڪلاڪار لاءِ شهر ڪلا جو، هميشهہ وڏندو ئي رهندو.
٢٧١- *ٿَمِ تي، بيهڻ ٿو چاهيان، ڇو تہ ڪين ٿو هلي سگهان.
٢٧٢- جيڪو ڪجهہ وڃائين ٿو تون، ان کان ئي وڌ پائين ٿو.
٢٧٣- جيڪو گهٽو تون پائين ٿو، ان مان ڪجهہ نہ وڃائين ٿو.
٢٧٤- اصول پرست لاءِ قاعدا ناهڻ، مطلبين لاءِ سڀ قانون.
٢٧٥- سنسڪرتي سيکاري سڀ کي، سڪ سنيهہ سان ساٿ ڏيو.
٢٧٦- جيئڻ لاءِ جل هوا مليل آ، نعمت منڙي مالڪ جي.

---

*ٿَمِ تي = اَنڪي

٢- مٺڙي سنڌي ٻولي

(١)

سنيھہ سيني جا ٿي چورائي،
پنھنجائپ جي پوتي پائي،
ڪري نہ ٿي ڪنھن تي بہ ٺٺولي،
منھنجي مٺڙي سنڌي ٻولي.

(٢)

جتي وڃي خوشبو ڦھلائي،
گھٽا پرايا پنھنجا ناھي،
سڪ سنيھہ جي پائي چولي،
منھنجي مٺڙي سنڌي ٻولي.

(٣)

اُڀ ۾ آ پرواز انھيءَ جو،
وِڄُ اَندر آواز اُنھيءَ جو،
ڀاوَ ڀريل ھن جي آ ڏولي،
منھنجي مٺڙي سنڌي ٻولي.

(٤)

جڙيل رھيو آ ھن سان ناتو،
ھر ڪنھن ھن مان آنند پاتو،
صدق ڀري ماتا جي لولي،
منھنجي مٺڙي سنڌي ٻولي.

(٥)

دل ۾ ديرو ھن جو آھي،
ڪير بہ سگھندو ڪين ڦِٽائي،
بالڪ جيئن ٿي زبان ڪولي،
منھنجي مٺڙي سنڌي ٻولي.

(٦)

لال لکن ۾ ڪيس ڏيائين،
ھن جي ٿا واڪاڻ ٻڌائين،
چون لکڻ ۾ آھي سولي،
منھنجي مٺڙي سنڌي ٻولي.

(٧)

ھندي اُڙدو يا پنجابي،
تامل، اوڙيا يا بينگالي،
سنسڪرت عربيءَ جي آ ٽولي،
منھنجي مٺڙي سنڌي ٻولي.

(٨)

پياس نہ پوري ٿيندي ھن مان،
لکندس پڙھندس پيو روز مان،
ڀريل ڀاوناڻن جي شڌ جھولي،
منھنجي مٺڙي ٻولي.

گيت

ا- شاعريءَ جي سوکيم جذبات

(۱)

کبت ڪتابن جو خالي ٿيو،
ڇٽڪ ڪو خزانو ئي لٽجي ويو،
شبد سلوٽا ڳولهڻ مشڪل،
موهہ لکڻ جو ئي گھٽجي ويو.

(۲)

رات گذاريم اُلجھي اُلجھي،
ياد ڪري سي گيت غزل،
سمجھيم سپ احساس اندر جا،
هاڻ ويا ٿم گھٽجي گھٽجي.

(۳)

وري وري مان سوچي سمجھي،
ڪوشش ڪين گھٽائيندس،
لڇن تا ارمان اندر جا،
چاهت ڪين مٽائيندس.

(۴)

پَلُ پَلُ پنهنجو توکي ارپيم،
سندر سهڻي آتم شاعري،
غزل ۾ گل سونهن جا پوتم،
سڳنڌ نہ هجي اُها اُڇاتري.

(۵)

خوبين ۽ خامين جي وڇڙ،
ڪافيون بيت ۽ وايون پوتل،
تن کي ياڳہ جهليو هٿن ۾،
جيئن اُداسيون تن کان ڇِرڪن.

(٦)

شاعر جنم ڏنو ڪويتا کي،
دل جي لوچ مٽائڻ خاطر،
پياسي پيار ۾ ڦٽکي تو لاءِ،
اُن کان وڌ ڇا آهہ برابر؟

۴-سنڌ سرڳ جي راڻي

(۱)

هيرن جي سنگيت جتي آ- هر ڏِشا ۾ گيت جتي آ،
پيار پريل ماحول ۾ هردم پيارو پيارو ميت جتي آ،
صدق پري ۽ آهي سياڻي،
سنڌ آ سرڳ جي راڻي.

(۲)

ٻَرِت ٻِرِت ٻائي راڳ ٻڌائين، لام لام تي ٽپا لڳائين،
پرندا منهنجيءَ پياريءَ سنڌ جا- شور مچائي تا دهرائين،
سنڌ جي سچي ڪهاڻي،
سنڌ آ سرڳ جي راڻي.

(۳)

هِتي سهائي هُتِ چاندوڪي چنڊ پونءَ کي پاتي پاڪي،
تارن ۾ آ جهرمر ساڳي- سورج جنهن لاءِ آهي ساڪي،
صورت تَس شاهاڻي،
سنڌ آ سرڳ جي راڻي.

(۴)

ڏينهن ٻه ساڳيا، راتيون ساڳيون، بادل بجليون ۽ برساتيون،
ماڻهن ۾ محبت آ ساڳي، ٻولين آهن منڙيون لاتيون،
جذبن ۾ مانڌاڻي،
سنڌ آ سرڳ جي راڻي.

(۵)

پل پل ان جي ياد اَچي ٿي- چت کي ان مان چٽڻگ لڳي ٿي،
سارون ڪيڏيون سانديل آهن، سيني ۾ هلچل مچي ٿي،
ڪيڏي ساهه سيباڻي،
سنڌ آ سرڳ جي راڻي.

(٦)

شايد ڪوئي خواب لڌو تم، اَکڙين ۾ آنند جي نم نم،
سنڌوءَ جي ڇولين مان کو، يادين جو احساس مليو تم،
ڇلڪيو اَک مان پاڻي،
سنڌ آ سرڳ جي راڻي.

٣- منڙي منڙي سنڌي ڀاشا

منڙي منڙي ڀاشا سنڌي،
ڀڪن خيال خلاصا سنڌي!

(١)

سنڌي ڌرتيءَ جي پئداش - اکر اکر ۾ اَتس مناس،
جنهن ۾ ماءُ ڏئي ٿي لولي- سنڌ جو پوتل اَتس اِتهاس،
جڙيل اُنهيءَ سان آشا سنڌي،
منڙي منڙي ڀاشا سنڌي.

(٢)

جهولڻ جو آ واسُ سنڌي- ٻولي آهي خاص سنڌي،
ڪيڏا گرنٿ لکيل اُنهيءَ ۾- شبد شبد وشواس سنڌي،
ڪڏهن نہ رهيا پياسا سنڌي،
منڙي منڙي ڀاشا سنڌي.

(٣)

ڦولن جي سرهاڻ اُنهيءَ ۾، ڪابہ نہ آ چڪناڻ اَنهيءَ ۾،
معنيٰ جا مهراڻ اُنهيءَ ۾، خيالن جي آ کاڻ اُنهيءَ ۾،
وڏندڙ لوڪ تماشا سنڌي،
منڙي منڙي ڀاشا سنڌي.

(٤)

ٻوليءَ ۾ ٻُل ايڏو آ، رنڱن کي پل ۾ پرچائي،
گيت ڪهاڻيون قصا مڙيوئي، رنگارنگي شبدن ۾ ناهي،
روشن سيئي پاسا سنڌي،
منڙي منڙي ڀاشا سنڌي.

٦- سنڌڙي سونهاري

- منهنجي سنڌڙي سونهاري،
جنهن پون ٺ تي پڳت نچيا،
سا ڌرتي ڀاڳ ڀلاري.

- ديسي ديش جي دولت نعمت،
پرديسن چو لانگ ورائي،
سون ڦري ٿيو واري.

- ڪيڏو پيار محبت سڀ سان،
ساڻ، وير نہ تيسو ڪنهن سان،
ڇڪ ايڏي سڪ واري.

- پنهنجا چو گمراهہ بڻي پيا،
ساڃهہ ڪان ئي پري ڀڄي ويا،
اُف ذهنيت جي لاچاري.

- ڇڏي اَمڙ جي گود پيارا،
رليا پنيا ٿي ونجارا،
پوءِ بہ همت نہ هاري.

- سنڌين پنهنجو مان بچايو،
عزت ۽ سومان بچايو،
ٻل ۾ ڀريل خماري.

- گهر آباڻا آڏا وساري،
پنهنجي پوري ٻل تي ياري،
ٿيا ڀاڳ ڀريل ڀنڊاري.

- سياڻا سمجهوُ ساڃهہ وارا،
سنڌي هر ڪيتر ۾ ناميارا،
پياسي تن جي مهما نياري.

٥- سنڌو درياهه

جنهن ۾ منهنجو اڪيل ساهه،
منهنجو سو سنڌو درياهه.

(۱)

لهر لهر کي آلات پنهنجي،
وهڪ ۾ پڻ جذبات آ پنهنجي،
هوا سان سينو سهائين ٿيون،
سنڌ لاءِ هيءَ سوغات آ پنهنجي،
جل جيون جي لاءِ ويساهه،
منهنجو سو سنڌو درياهه.

(۲)

جتان بہ قدم ڪٽي ٿي ڏارا،
ان ڀونءِ جا ڀاڳہ ڀلارا،
ڏڪہ وڃن سڪہ سِري اَچن،
هاريِ هَرُ هلائن وارا،
جل جو جيون سان جوڙاءُ،
منهنجو سو سنڌو درياهه.

(۳)

جتي وڃي اُتي سوڪ مِٽائي،
برپٽ بود ۾ خوشيون منائي،
سنڌ بي صورت جَلَ قطري ۾،
پر پراڻيءَ جي آس پڄائي،
سڀ سان هن جو آ سرچاءُ،
منهنجو سو سنڌو درياهه.

(۴)

سنڌ ديش لاءِ سنڌو پاڻي،
آهي ملڪيت جڻ تہ اَباڻي،
هِن جي اَمرت جل ۾ جيون،
اَمر سنڌو جل جي آکاڻي،
هردو هن جو آهہ اَٿاهہ،
منهنجو سو سنڌو درياهه.

٨ - ڏسندي نقشو سنڌڙيءَ جو

ڳوڙها ڳري پيا ڳلن تي - ڏسندي نقشو سنڌڙيءَ جو،
چٽڪ ھٿوڙا لڳا لڱن کي - ڏسندي نقشو سنڌڙيءَ جو.

- ننڍپڻ جي ڪن سانديل يادين، گهيرو ڪيو اُمنگن تي،
ڪن محبت پريم نظارن تي، ڏسندي نقشو سنڌڙيءَ جو.

- ڪيڏا خواب هئا اندر ۾ - وقت جي ڪئنچيءَ ڪٽي ڇڏيا،
ڪن مخفي اتفاقن تي - ڏسندي نقشو سنڌڙيءَ جو.

- گڏ گهمڻ، گڏ کائڻ تن سان، رانديون روندیون ٺهڪ ڏنا،
هيون حجتون يارن تي، ڏسندي نقشو سنڌڙيءَ جو.

- ڌرتي ءَ آڪاس جي وچ ۾ - پيار ۾ سڀ پوتل هئاسين،
تڳون ٽا هاٽي تن خيال تي - ڏسندي نقشو سنڌڙيءَ جو.

- سک ۾ سانڍڻ وارا آهن - ڪين وساريندا پڪ ٿم،
داڏ هئا دلدارن تي - ڏسندي نقشو سنڌڙيءَ جو.

- رَب ڪري شل ائين ٿئي - وري پاڻ ۾ سڀ گڏجون،
سک ونديون سک وارن تي - ڏسندي نقشو سنڌڙيءَ جو.

ڪجھ وقت اڳ ياءُ آنند آھوجا بمبئيءَ مان مونکي لئمينيٽڊ ٽيل سنڌ جي نقشي جي تصوير موڪلي، جنھن سان گڏ جھوليلال جي بہ تصوير هئي. ان تصوير کي گھوريندي منھنجا جذبا جاڳي اُٿيا ۽ منھنجي قلم انھيءَ جو اظھار ڪيو. ڪ. پ.

٧- سنڌي آ مشهور زبان

(١) هِتي هُتي جنهن ڌاڪ ڄمائي،
ڄڳ جي سا مشهور زبان،
شبدن ۾ سرهاڻ سمايل،
ڀاوَ ڀني ڀرپور زبان.

(٢) ممتا جو مهراڻ اُنهيءَ ۾،
اکڙين جو آ نور زبان،
لفظن جو ڀنڊار ڀريل تس،
ڄڻ تہ بهشت جو حور زبان.

(٣) اکر اکر معنيٰ سان پوتل،
منڙي ظاهر ظهور زبان،
کويتا جو قارون سنڌيءَ ۾،
ڌرم ڪرم مشهور زبان.

(٤) ڪين منجهيل معنيٰ ٻوليءَ ۾،
سولي آهہ ضرور زبان،
من جي مونجهہ مٽائي هڪدم،
هر پل حاضر حضور زبان.

(٥) ڀريل خزانو خيالن جو تس،
سنڌين لاءِ ڪوهنور زبان،
ڪٿا، ڪهاڻيون، قصا ۽ ناٽڪ،
ساهتيہ لاءِ منظور زبان.

(٦) ساهت جا ڀنڊار ڀريل تس،
پوءِ بہ ڪين مغرور زبان،
ڌاڪ ڄڳت ۾ آتس ٻياسي،
ڪين سنڌي مجبور زبان.

پيار پريا پيغام اُنهن جا جن سچاتو شاعر کي

جواهر بنيچا-٥-١-٢٠١٠

تو اَڌ صديءَ کان سنڌي ساهت جو ديپڪ جلائي رکيو آهي، تنهن لاءِ تو داد لهڻو. هوند بئي کنهن پرگتي شيل پارتيہ ڀاشا ۾ تنهنجي ساهتيڪ قابليت جي گهڻي ساک نکري هان ۽ دل پسند اُجورو حاصل ٿئي هان، پر نهايت ڏک جي ڳالهہ آهي تہ سنڌي سماج ۾ پرڪاشڪ ان ڏس ۾ پنتي پئجي ويا آهن. سنڌي چاٽو ساهت جو قدر ڪرڻ کان ڪيٻائن ٿا. هن سمي شوق کان بزرگہ اوستا جا سنڌي ليکڪ ۽ شاعر سنڌي ساهتيہ جو نرماڻ ڪري رهيا آهن، البت داد ڏيڻ لاءِ ڪوئي تيار ڪونهي.

لڇمڻ چيلاڻي-٥-١-٢٠١٠

توهان جي ڪتابن مان پتو پوي ٿو تہ توهين ڌرمي خيالن جا بہ آهيو. توهان کي سنڌي ٻوليءَ لاءِ چڱو پيار آهي. پياس برابر پوري ڪانہ ٿيندي. توهان کي شاعريءَ جي ڏات ملي آهي. هن ڪائنات ۾ توهان کا وشيہ ڇڏي نہ آهي.

سريچند دبي - ٣-١٠-٢٠٠٩

سراسري نظر ڦيرائجي تہ لڳي ٿو تہ توهين گيان جا پنڊار آهيو. گهڻين مخزنن، رسالن، اخبارن ۾ توهان جون رچنائون پڙهندو آهيان ۽ انهن مان سکڻ جو مقصد هوندو آهي ۽ گهڻو ڪجهہ پرايو اَٿم.

گوپ آڏواڻي-١٦-١٠-٢٠٠٩

جيتوڻيڪ گهڻي وقت کان پاڻ گڏيا نہ آهيون، پر ياد اَٿم تہ تنهنجي ٻالپڻي جي جيون ۽ اَڄ جي آڌياتمڪ جيون ۾ ڪيئن نہ ڦيرو اَچي ويو آهي. مبارڪون.

ارجن چاولا-١٦-١٠-٢٠٠٩

توهان جي ڌارمڪ ساهتيہ دوران خبر پوي ٿي تہ توهان ۾ اَپار شرڌا آهي، اَهڙي شرڌا رکڻ سان عجيب آنند جو اَنڀوَ ٿئي ٿو نہ رڳو توهين پاڻ آنند ماڻيو ٿا، پر ٻين کي بہ آنند ونايو ٿا. سچ پچ اوهان جس لهڻو.

ڀاءُ هيمن نانواڻي-٢٢-١٠-٢٠٠٩

توهان پنهنجي جيون سنڌيا کي هڪ روشن منار بڻايو آهي، توهان جي رڳہ رڳہ ۾ رام رنگہ رتل آهي. ڪيترا تہ اڌياتمڪ گرنٿ قلمبند ڪيا اَٿوَ. سالڪن چيو آهي:

سواسن جو انمول خزانو - پل پل ۾ ڪيئن لٽجي ٿو،
اَچا ويل اَٿيئي پيارا - سمرڻ ڪري نام جپي وٺ.

کيمن مولاڻي-٣-١١-٢٠٠٩

توهين هن پوئين پهر ۾ بہ قلم جي نوڪ کي تيزيءَ سان هلائي، سنڌي ساهتيہ جا گهڙا

٩- ڪين ٿو وسري ڳوٺ پريا

ڪين ٿو وسري ڳوٺ پِريا،
هئا جتي گهر ۽ ويڙها.

- ٻچپن جون جت پختيون پاڙون،
پَل هئا سي سرها سرها.

- مائٽ منڙن جي ٻانهن ۾،
سوکيم تن جا پيار مليا.

- جن منڙن جي محبت ماڻي،
موٽي وري نہ ڏينهن ايندا.

- باغ بغيچا نهر سنڌوءَ جي،
کائڻ لاءِ جهنگلي ميوا.

- هاءِ اسڪول جي جيڏن سان گڏ،
پيا ماڻيا هئا مزا.

- گهر وڏا مائٽن جي وچ ۾،
سک سان **پياسي** پاليندا هئا.

- هاڻ اهو سڀ ياد ڪندي،
پياسيءَ جا ڦٽ اُڪري پيا.

١٠- سمرتين جي اوٽ

اُهي ڏينهن هئا ۽ اُهي شينهن هئا،
جڏهن مهر جا وڏڦڙا مينهن هئا.

- اُهي راحتون، چاهتون، اڻ ڳڻيون،
سک، صدق، شرڌا پَريا نينهن ها.

- نہ وسرن اُهي سنڌ جون سمرتيون،
هو پنهنجن سڀن مائٽن جيئن هئا.

- سَڏن ۾ ڏئي سَڏُ سڏيندا هئا،
ڀلي دوستيءَ ۾، هو جيئن تيئن هئا.

- هئا مرد محبوب سيڀئي ملوڪ،
ڀلي هو ٻين سان ڪجهہ ڪيئن هئا.

- اکين ۾ اَڃان ٿم اُهي سمرتيون،
پياسي نہ وسرڻ سکيا ڏينهن هئا.

مَکڻ ماڻهو - شيرين شاعر - ڪَمل پياسي

سداحيات ياءُ نهچل هرچپال

(رٽايرڊ پرنسيپال)-رائپور (ڇتيسگڙهه)

ڪمل پياسي شيرين (منڙو) شاعر. پرماتما کان شاعريءَ جي ڏات حاصل ڪري؛ آزمودي ۽ اَپياس سان سخت محنت ۽ اورچائي ڪري، دل دماغ جي دوريِ ۽ من جي مانڌاڻيءَ سان خون ولوڙي جذبن ۽ اَحسان سندو مکڻ ٻڻجي پيو آهي. مَکڻ نرم، مُلايم، سَٽيو رِجندڙُ، تَرندڙُ، طاقتور کاڌو آهي. ڪمل پياسي پڻ، نرم دل، ملايم، نهٺو، نماڻو ۽ نيازن سان پريل، حليم سڀاءُ وارو، مکڻ جيان وڻندڙ آهي. مکڻ جيان سٽيو، اَحساسن سان پرپور آهي. ٿوري گرمائش سان مکڻ هڪدم رجيو وڃي، ڪمل پياسي بہ درد سان ڏبيل دکي اِنسان جي لهس سان هڪدم پگهلجي، رِجي وڃي ٿو. مکڻ جي اها خوبي آهي تہ پاڻيءَ ۾ ترندو آهي. ڪمل پياسي بہ دنيا جي دلدل، سنساري ماياجار کان مٿي ترندو رهي ٿو ۽ پنهنجن سڪيادائڪ، اوُچ ۽ بُلند خيالي، اَخلاقي شعرن سان، خلق کي خورش ڏيئي ٿو، طاقت ڏئي ٿو. سندس اَٽڪ اَپياس ۽ ساڌنا ڪري، سندس شعر رسيلا، پڪل ميوي جيان مِٺا ٿي پيا آهن ڪين جتان چکہ اُتان مٺا آهن ۽ هن جي شيرين شعرن جي مِٺاس جو لُطف هرڪو پانڪ ماڻي رهيو آهي. ڪمل پياسي هڪ عظيم شاعر آهي. ڪوتا هن جي دل، دماغ، رڳہ رڳہ، خون جي قطرن ۾ سمايل آهي. پاڻ ڪوتا جي باري ۾ لکيو اَٿس : ”ڪوتا منهنجي رڳہ رڳہ ۾ سمائجي چڪي آهي. ڪوتا منهنجي خون جي هرهڪ قطري ۾ گهر ڪري ويئي آهي. ڪوتا مون ۾ آهي، مان ڪوتا ۾ آهيان. ڪوتا منهنجي سُواس ۾ آهي. ڪوتا منهنجي آتما ۾ آهي. ڪوتا مون لاءِ پرماتما آهي. ڪوتا منهنجي اُڌمن، جذبات ۽ اُمنگن جو آڌار آهي. ڪوتا منهنجي ويچارن سان جڙيل آهي. ڪوتا منهنجي اَحساسن کي جاڳائيندي آهي. ڪوتا منهنجي جيون سان جڙيل آهي. ڪوتا منهنجي سپنن ۾ مڙهيل آهي. هر پل، هر کن ۽ هر گهڙيءَ مونکي ڪوتا جو ساٿ ملي ٿو. ڪوتا منهنجي پياس آهي، ڪوتا منهنجي خوراڪ آهي، ڪوتا منهنجو لباس آهي، ڪوتا منهنجي دل جي ڌڙڪن آهي، ڪوتا منهنجي لاءِ سچ جو ترڪو آهي، ڪوتا منهنجي لاءِ

پري رهيا آهيو. اها اسان جي سنڌي ٻولي، ساهتيہ ۽ سنسڪرتيءَ لاءِ تمام سٺي آهي
توهان جون رچنائون مختلف اخبارن ۾ پڙهندو آهيان.

ڊاڪٽر مهاديو لوهاڻا-٢٢-١١-٢٠٠٩

توهان جا لکيل ليک ۽ شاعري توهان کي اعليٰ درجي جو اديب ۽ شاعر هئڻ جي مڃ
اڳيئر ئي ڪرائي چڪا آهن. توهان جو هرڪو ڪتاب معلومات پريو هوندو آهي، سارا
جوڳو ۽ مڃتا لائق هوندو آهي. سنڌي ادبي خزاني ۾ خوبصورت ۽ واڌاري لاءِ توهان جو
ڪوششون پنهنجو مثال آهن.

ايشوري جوتواڻي-٢١-١٠-٢٠٠٩

تنهنجو تخلص پڙهي شاهہ ياد ايندو آهي : **”ڳولهيان ڳولهيان م لهان، شال
ملان هوت- متان اندر جي لوچ، ملڻ سان مائي نہ ٿئي.“** ان پياس سبب قل
۾ جنبش ٿي رهي. اڄڪلهہ جي نئين پيڙهي ديوناگريءَ ۾ پڙهي ٿي ۽ نہ هن لپيءَ ۾،
ڪتاب پو بہ ڪمائتو ئي ٿيندو.

ڊاڪٽر کيمچند گوڪلاڻي (کيمن)-٣-١٠-٢٠٠٩

توهان جي محنت سچ پچ ڪيرون لهڻيون. مختلف ڪوجنائون ڪري، انهن جي جا
ڪتابن دوارا ڏيو ٿا. اُها تعريف لائق آهي، جنهن لاءِ داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ
سگهان.

نارائڻ ضيا-٣-١٠-٢٠٠٩

توهان ڪنهن تعريت جا مشتاق ڪونہ آهيو، اها خاطري اَٿم. توهان جي ساهتيہ شي
قابل داد آهي. شاعري صنف ۾ توهان جو نالو اول هئڻ گهرجي. خوب اَپياس ڪري نا
روشن ڪيو اَٿو. سچ پچ توهان اَهڙي شيوا جا ڀاڳوان آهيو، حقدار بہ آهيو.

ايسرسنگهہ بيدي-١٨-٧-٢٠٠٩

توهان هر کيتر ۾ قلم هلايو آهي. سٺو اَپياس ۽ سٺي کوج ڪيل آهي. وگيان جهڙو خشڪ
ڪتاب (سرشٽي قدرت) ڪنهن مشڪل ڪڍيو هوندو. توهان جون رچنائون سنت ڪنوررا
۾ شايع ٿينديون رهنديون آهن.

ڪرشن چيتانند-١٨-٧-٢٠٠٩

تو سنڌي ساهتيہ جا گهڙآ ڪنا تار پريا آهن. جنهن لاءِ شڀ ڪامنائون موڪلجن ٿيون

اين.جي. ماکيجاڻي-٢٥-١-٢٠١٠

سنڌي ٻولي توهان جي لکڻيءَ سان آباد رهي. توهان جهڙا سنڌي ٻوليءَ کي جيئاريند

گرمکہ پوپٽمل مانڊواڻي-٤-١١-٢٠٠٩

توهان صاحبن ۾ گيان سان گڏ نمرتا ۽ ديا پڻ آهي. توهان کي کيترن وياڳن طرفا
سنمان ۽ انعام مليا آهن. دل ڏاڍي گدگد ٿي. توهان جو پريشرم ۽ سنڌيت جي شيوا طو
سنمان ٿئي ٿو، ان لاءِ فخر ۽ ناز آهي. **(پاڪستان جي آيل خطن مان چونڊ حوال**

خوشقسمت ٿو ڀانيان. هو سچ ته ”مکڻ-ماڻهو“، عظيم منڙو شاعر آهي ۽ اَندر جي اُمنگن جو اِظهار ڪيان ٿو.

هونئن ته ڪمل پياسي گُڻن جي کاڻ آهي. مان سندس ڪي خوبيون لکان ٿو. ڪمل پياسي هڪ سنڪوچي، شرميلو، سادو سيڌو شاعر، نيڪ پرش، گڻوان، گيانوان، خدا ترس، ودوان، همدرد، سداچاري، خلق جو خيرخواهه، دياوان، آزمودگار، سک ۽ صدق وارو، هر پراڻيءَ ڪي پيار ڪندڙ، سهن شيل، صاف دل، اَمن ۽ اِنصاف پسند، اُصولن ۽ اِرادي جو پختو، شانت ۽ ايڪانت پسند، آزاد ۽ بلند خيال رکڻ وارو، ”سادي رهڻي اوچ ويچار“ عقيدي وارو، دانشمند-ديرينو داناءُ، درويشي، وفادار ساٿي، قول جو پڪو، سچار، مهمان نواز، سچو سيوڪ، وطن پرست ۽ سنڌي ڀاشا جو شيدائي، ذهين شاعر، ايشور ڀڳت، ناموس ۽ اَڊمبر کان دور، مالڪ جي رضا ۾ راضي رهندڙ- سنتوشي، حليم ۽ نمرتا جي مورتي، وڏي عهدي ماڻڻ کانپوءِ به گهمنڊ کان دور آهي. سندس جيون-ساٿڻ، شريمتي اَنيتا ڪيولراماڻي پڻ هڪ ودوشي، گيانوان، ليکڪا ۽ شاعرا، سدگرهستي- پتورتا، آدرش ناري آهي.

ڪمل پياسيءَ ڪل ٦٣ پستڪ هن طرح لکيا آهن : (سال ٢٠٠١ع تائين) ڪاويه سنگرهه-٨، مضمون نويسي گرنٿ-٩، ٻال ساهت-٨، ڌارمڪ گرنٿ-٢٥، اَنگريزي پستڪ-١١ (Sea Food Recipon)، ناول (ترجمو)-١، ناول (اَصلي)-١، ڪهاڻي سنگرهه-٧، ڪهاڻي سنگرهه (ترجمو)-١ ۽ جيون ريکا-١. اَهڙيءَ طرح سندس ڌرمپتنيءَ به کان به وڌيڪ ڏهاڪو کن پستڪن جي رچنا ڪئي آهي. شال جوڙو جڳ جڳ جيئي.

مونکي ڪمل پياسيءَ جي ساهت مان صرف ٽن ڪتابن جي پڙهڻ جو شرف حاصل ٿيو آهي. ١- گرو گرنٿ صاحب جي مهما، ٢- گنگا جو جل اَمرت اَمرت ۽ ٣- شعرن جو مجموعو ”تاريءَ تاريءَ چانگ“، جنهن ۾ اٽڪل ٩٧ (ستانوي) شعر جدا جدا وشين تي غزل، بيت ۽ شعر درج ڪيل آهن. اَڄڪلهه ڪمل پياسي اَڌياتمڪ وشين تي گرنٿ، ليکه ۽ ڪوتائون رچي رهيو آهي ۽ سندس جُهڪاءُ اَڌياتمڪ کيتر ۾ گهڻو آهي. هن جي رچيل ”گنگا جو جل اَمرت اَمرت“ گيان سان ڀريل آهي جنهن جا وشيه آهن: ايشور ۾ وشواس، ايشور اوڏو اچڻو آهي ته اَهم مِثاءِ، ايشو آهي حاضران حضور، جت ڀڳتي اُت ڀڳوان، ڀڳتن تي پرڀو ۾

چنڊ جي چانڊاڻ آهي، ڪوتا منهنجي عيش-و-عشرت آهي، ڪوتا منهنجي لاءِ ايڪانت جي سهيلي آهي، ڪوتا مون لاءِ ٿڌي هير جو جهونڪو آهي، ڪوتا مون لاءِ برسات جي هلڪي رم جهم آهي، ڪوتا مون لاءِ جيون جو پرڪاش آهي، ڪوتا مون لاءِ گلن جي سڳنڌ آهي، ڪوتا مون لاءِ ڪوئل جي مٺي لات آهي، ڪوتا مون لاءِ هير جو مٺو ڇُهاءُ آهي، ڪوتا مون لاءِ ماءُ جي منڙي لولي آهي، ڪوتا مون لاءِ ساڌنا جو ترانو آهي، ڪوتا مون لاءِ زندگيءَ جي عبادت آهي، ڪوتا مون لاءِ هر پل جي چاهت آهي، ڪوتا مون لاءِ راحت آهي، ڪوتا مون لاءِ شناخت آهي، ڪوتا منهنجي راڻي آهي ۽ مون لاءِ چِڻ گُرواڻي آهي.“ سندس ڪوتا ۾ ساگر جي گهرائي، آسمان ۾ اُڏامڻ، لهرن لوڏن جي جذباتي جنبش، هرديه تنتريءَ کي جڪڙت ڪرڻ واري مٺي تان آهي.

”من مهراڻ ۾ موڄ متي، لهر ٻٽي جذباتي،
پٽڪيل پاوَن سان، **نهچل** شعر ٻٽيا جذباتي.“

سندس ڪلپنا جي اُڏام سچ جي سورج کي پائي نهال ٿي.

”شعر پکي جذبات وهيٽو، ويس ٻوليءَ جو پاتو،
ڪلپنا سندي مست چال سان **نهچل**، سچ جو سورج ڄاتو.“

ڪمل پياسي هڪ عظيم شاعر آهي، شعر ۾ فرمايو اٿس:

”ساهت منهنجي ساهه ۾ سانديل، پستڪ مون لاءِ پراڻ،
لفظ لفظ ۾ شامل آهي، جذبن جو مهراڻ،
منهنجي من منٺن تي آ، آنند جو اُهڃاڻ،
هر شبد تي پڪڙيل، آهي چَڻ تہ ڪا سرهاڻ.“

ڪمل پياسيءَ جو سڀورو سمپرڪ مونکي آڪٽوبر ٢٠٠٧ ۾ نصيب ٿيو. سنڌي پئنچايت گوريگانءُ ممبئيءَ طرفان شايع ٿيل ساليانو رسالو ٢٠٠٩ ”سهڻي سنڌي روشني“ مونکي پهتل، جنهن ۾ سندس ليکہ ’پرارٿنا‘ شايع ٿيو هو. اُن مان مُتاثر ٿي، مان ڪجهہ شنڪا نوارڻ لاءِ کيس احمدآباد پتر لکيو هئو، جنهن جو هن سماڌان ڪارڪ، خاطرخواهہ جواب موڪليو ۽ اُن ڏهاڙي کان هن صاحب سان منهنجو لکپڙهہ جو سلسلو چالو رهيو. جوابن مان مونکي هيءُ شاعر نهايت نيڪ ۽ همدرد لڳو ۽ اُن ڏينهن کان سندس محبت پائي، رهبري پائي، مان پاڻ کي

رهندين، سنڌي ورثو رهي تنهنجو، سچائي ۽ وفاداريءَ جي واٽن کان هٽين ڇو ٿو؟ اگر نالا نشان ۽ وديس ڪاڏا به مٽجي ويا، ته سنڌي ماءُ جي ٿڃ کي ڪسارو ائين ڇئين ڇو ٿو.'' ''منهنجي رَتُ سنڌوءَ جو جل، تن ۾ ڌرتي اَنُ، ڪيئن وِساريان سنڌڙي جنهن سان جوڙيل منهنجو اَنگ، ويچارن جي وهڪ ۾ آهي سچڻن جو ٺي سنگ، منهنجي من ۾ قائم رهندي تن جي پياري ياد، اَزلي اَنگ جڙيل آ پياسي، ڪڏهن ٽيندو پنگ.''

خلق جو خير خواهه ڪوي، ''رحمت سڀ تي ديا ڪري، پنهنجو قرب ڪمال ڪري، دعا گهرون ٿا جڳ جي لاءِ، سڀ کي شل خوشحال ڪري.''

سداچاري ڪويءَ جو سخن آهي : ''سهنشيلتا، پيار، نمرتا، ديا سان ٿو ڏنوان تي، اَهڙو ڪرم ڪندي جڳت ۾، هرهڪ جو سنمان ٿئي.''

ڪمل : عام طرح ڪوين اِنسان جي اکين، مُک، هٿن ۽ پيرن جي مُشابهت ڪمل سان ڪئي آهي، جهڙوڪ ''نئن-ڪمل'' ''مُک-ڪمل'' ۽ ''پاد-ڪمل''؛ مگر ڪمل پياسي نَهن کان چوٽيءَ تائين پيارو، مهڪندڙ-ٻهڪندڙ ڪمل آهي- سندس هرهڪ اَنگ ''ڪمل'' آهي.

پياسي : ''اَندر پياسي ٻاهر پياسي، ڪَپ تي گهر جوڙيندڙ؛ عمر اُڃ ۾ هن گهاري آ، پل پل پور ڇڏيندي.'' ''تنها تنها آنءَ اَڪيلو، آنءَ اَياڻو آهيان، ڪنهن کي ڏوهه ڏيان جو مونکي پنهنجو ڪوبه نه آهي، آهي ڪوئي اَهڙو جو هيءَ اَزلي اُڃ مٽائي.''

حقيقت ۾ آتما پرماتما جي 'پياسي' آهي. پرماتما جي ڪشش هردم آهي. ٻلهه زمين تي آهي مگر سندس ڇيين کي سج جي ڪشش آهي، ڪمل جو پاڙون پاتال ۾ آهن، مگر سندس ڪشش چندرما ۾ آهي. اَهڙيءَ طرح آتما کي پرماتما جي ڪشش آهي. آتما جي من جي چنبي ۾ آهي ۽ من تي جنم جنم جي ڪرمن جي ڏُنڌُ چڙهيل آهي. من جي ڪٽ تڏهن لهندي جڏهن سندس خيال خوابن جي خواهش ماري، خالي ٿي، خودي ڇڏي خالق سان وسال ڪري، آتما به پرماتما سان ملي ته سندس پياس مٽجي ويندي.

''اَيامن کان وچڙيل آهي آتما پياسي، پرماتما سان ملڻ لئه آهي آتما پياسي؛ جنمن کان **'نهچل'** رهي هوءَ اُداسي، مکڻ ماٺهو شيرين شاعر، آهي ڪمل پياسي.''

593, Samta Colony, Raipur-(Chh.)-492009.

ڀڳوان، ڀڳوان ملندو آهي ڳولهڻ سان، گرو مهما، گزو شش پرمپرا، گرو-مهاگرو، گرو پورڻما آهي گروءَ لاءِ شرڌا، ستگر پار اُتاري، گرو ٿئي رهبر، سچي گروءَ جي رهنمائي، سمرڻ سکہ جي سونهن، نام سمرڻ سان ڊپ لهي ويندو. رام نام جو اوچو شان، ساڌنا جو سهانو سفر، آرڌنا وقت چت جي چنچلتا، پرارٿنا سهارو نہ اَنت آهي. گايتري منتر ۽ تتوَ گيان، گرنٿ صاحب جي مهما ۽ ليک گرنٿ صاحب جا گڻ ڳائڻ لاءِ حقيقتون پيش ڪيون آهن. ٿيئي نهايت ڪارائتا پستڪ آهن.

پيڙا منا ٿيندا آهن. جيڪڏهن ڪو اَڌ ڪلو ڪائي ويندو تہ هڪدم ڊاپجي ويندو. وڏيڪ ڪائيندو تہ اُلٽي ڪري ڪيڏي ڇڏيندو مگر ڪمل پياسيءَ جا شعر اَهڙا تہ رسيلا منا آهن جو پانڪ ڊاپن ئي ڪين ۽ وڏيڪ بار بار پڙهڻ لاءِ اُتاولا چاهڪ آهن. ڪمل پياسي چندن جيان مهڪندڙ ۽ خوشبو سان پريل آهي. چندن جي وڻن تي سيتلتا جي ڪيترائي سانپ لپٽيا پيا هوندا آهن، مگر چندن جي وڻ کي نانگن جي زهر جو اَثر ڪين ٿئي، ساڳيءَ طرح ڪمل پياسيءَ تي درياهن، سمنڊ ۾ بہ مڇين جي بدبوءِ جو ڪو اَثر نہ ٿئي ۽ نہ وري زهري سَياڻ واري جو هن تي ڪو اَثر ٿئي. بلڪ جيئن چندن جي وڻ سان آس پاس جا وڻ بہ خوشبودار بڻجي پوندا آهن، اَهڙيءَ طرح ڪمل پياسيءَ جي سمپرڪ ۽ صحبت سان بيا ماڻهو بہ نيڪ چريتروان بڻجي پون ٿا. ڪمل پياسي سيني کي پيار ڪندو آهي. ڪوتا ۾ چيو اَٿس، ”پيار ئي ڌرم ڪرم ٿي بڻجي، پيار تو بڻجي جڻ ڀڳوان پيار سان هرڪو جڳہ جيتي ٿو، پيار گروءَ جو آ وردان.“ ڪمل پياسي حليم آهي. ڪوتا ۾ چيو اَٿس، ”تنهائيءَ ۾ رهندڙ آهيان، ديھہ جو جهونو اَتم مڪان، اَندر باهر ساڳيو آهيان، مليو ديا جو اَهڙو دان پياسي، پوري پياس ٿئي ڪيئن، آن اَڳيئي ٻُڙيءَ سمان.“ ”مان بيوس بيڪس مان ڪجھہ ڪين آهيان، اَلا ڪير آهي جو مون لاءِ سِڪي ٿو.“

ڪمل پياسي سادو سوڌو شاعر آهي، چيو اَٿس، ”پولو پالو صاف سدائي، پنهنجي پاڻ ۾ مستان، مان تہ هڪ شاعر ئي آهيان، ڪين خدا يا ڀڳوان.“

هيءُ شاعر ناموس کان دور آهي. چيو اَٿس : ”مونکي ڪونہ ناموس يا ننگ گهرجي، اَجايو مونکي چو لڄايو ويو آهي، تو چاهيان سدائين رهان آنءُ پياسي مگر لفظي جل کي وهايو ويو آ.“

وطن پرست ۽ سنڌي ڀاشا جو شيدائي ڪوي چوي ٿو، ”سنڌي آهين، سنڌي



سداحيات پياري لالچند دئاران انواد ٽيل اَنيتا ۽ ڪمل پياسيءَ جي ١٥٠ سنڌي ڪويتائن جو انگريزي انواد Fragrent Poems پستڪ جي اُدگهاٽن وقت ورتل تصوير

سهڻي مڌر ۽ ممتامئي ماترڀومي سنڌ جي تصوير

SINDH
Beautiful
Sweet
&
Lovable
Motherland
of
SINDHIs





چترڪار: چترا (سمرن) ڪيولراماڻي

عمر: 13 سال، ليکڪ جي پوٽي

ننڍڙو ديپڪ هٿ تريءَ تي ڦهلائي پرڪاش،
جڳ جي جڳتيءَ مڪتيءَ ۾ آ، هن جو ڳجهو وڪاس،
جهيڻو ٿڌو اُجالو ان جو، آشا ٿو جاڳائي،
ڏسندي ڏسندي من ۾ اُڀري، شانتيءَ جو احساس.

- ڪمل پياسي